سنڌ جا مير

Murlal chandani

چپايل
راءِ بهادر ديوان هوتچند چانڊو مل ٿڏاڻي
بي . اي.

Murlal chandani

ملي سگهندو:-
گوڙو مل سندي ساهتيہ منڊل
حيدرآباد سنڌ.

سنڌ جا ميڙ،

۽

ميڙي جي جنگ بڌن سوڌي.

ليکڪ:-

راءصاحب اُڌارام چانڊومل ٽڏاڻي،
بي . اي.،

۽

مسٽر پرمانند ميوارام،
مهتمم "جوت."



١٩٣٨ع.

[جلد ١٢٥٠ دفعو پهريون]

قيمت ٠-٣-٠

ڇپائيندڙ:-

راءُ ڀهادر هوتچند چانڊومل ٽڏاڻي،
بي . اي.

موتي (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ورڪس،
حيدرآباد سنڌ.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سرڪاري راءِ صاحب آڏارام چانڊومل ٽڏاڻي، بي-اي. (B. A.) جنهنجو چالاڻو ٦٧ ورهين جي جمار منجهه ڪراچيءَ ۾ تاريخ ٣ آگسٽ ١٩٣٨ ۾ ٽيون سو ڪجهه وقت نوڪراءِ هيرانند اڪيڈميءَ ۾ ماسٽر هو، اڪانويءَ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ماسٽرٽيون، ۽ ڪيترا سال اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو، ۽ ٽورو وقت اڪٽنگ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر به هو. سرڪار جي ناچگائيءَ سبب ٥٥ ورهين جمار کان گهٽ اڳ هو پينشن ونڊي شهداد پور ۾ پنهنجي ڪٽنب جي زمينداري سنڀالڻ لڳو. اڃي هو ڪيترا سال ميونسپالٽيءَ ۽ تعلقه لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ۽ ڊسٽرڪٽ اوڪلبورڊ جو ميمبر هو، جتي پنهنجي ديانتداريءَ ۽ نيڪ رهٽيءَ ڪري نالو ڪڍيائين. ميونسپالٽي ۽ لوڪلبورڊ جي ڪارروائي کي سڌارڻ ڪري هنکي سرڪار مان راءِ صاحب جو خطاب مليو.

سال ١٨٩٦ ۾ حيدرآباد جي وڪٽوريا لئبريريءَ ۾ "ميون جي صاحبيءَ جي آخرين ڏينهن جو احوال"، انهيءَ وشءِ تي سرڪاريءَ ويا ڪيائين ڏنو هو، سو هينئر رسالي جي صورت ۾ ڇپائجي ٿو. حقيقتون-ب سرڪاري منشي آوٽراءِ صاحبراءِ ماڪاڻيءَ کان سرڪاري هاسيمل مرر جمل آڏواڻيءَ سان ڪڏ جي ورتيون هوائين، جو منشي

صاحب میر صوبدار خان جو منشي هو. انسان گڏ "میاڻيءَ جي جنگ" بڌڻ سوڌي، مسٽر پرمانند میرارام، مهتمم "جوت جي اِجازت سان ڏنل آهن، جنهن ۾ ٻڌ سرڳواسي راءِ صاحب دلچسپي ڏيکاري هئي.

شڪرگذاري مسٽر حشمتراء بسنتراء لعلواڻي، رٽائرڊ ماسٽر جي ڪجي ٿي جو ڪمائتا ڪتاب ۽ جهوڻيون اخبارون سانڍي رکندو آهي، جنهن وٽان جهوني "پرڀات" اخبار ۾ ڇپيل مٽيون ويا ڪيائين ملیو.

انهن کانسواءِ شڪرگذاري ديوان جگتراءِ ايسرداس شوداسانيءَ جي به ڪجي ٿي، جنهنجي معرفت میرن، میاڻي جي ڏيوري، ۽ حيدرآباد قلعه جا بلاڪ هن ڪتاب ۾ وڌڻ لاءِ ملیا آهن.

۱ آڪٽوبر ۱۹۳۸ء
حيدرآباد، سنڌ.

هوتچند چانڊوڪل ٽڏاڻي.

اَرپڻ پتر:


پنهنجي پتا سرگواسي

ديوان چاندو مل گوپالداس ٽڏاڻيءَ،

رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر

جي يادگيريءَ ۾.

43787
12.2.78



سرگواسي ديوان چانڊو مل گوپالداس ٺڏاڻي،
(رٽائرڊ پٽي ڪليڪٽر، جو تاريخ ۱۲ آڪٽوبر ۱۹۲۹
جي پرلوڪ پڌاريو).

Tirudchandani.



سرگواسي راء صاحب اُڌارام چاند و مل ٽڏاڻي.

جنم جي تاريخ
۴-اپريل ۱۸۷۲ء.

ديهانت جي تاريخ
۳-آگسٽ ۱۹۳۸ء.

ميرن جي ڏينهن جو احوال.

١- حيدرآباد جو بنياد.

حيدرآباد نهي غ-لام شاه ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾.
ماڻهن کي گهرن اڏڻ لاءِ زمينون ڪچي ڏنائون. جنهن
جيترو ٽ-ي گهربو تنهنکي اوترو ٽي ملیو. گهٽين ۽ بازار
لاءِ به جاءِ ماپي ڇڏيائون. بازار ۾ دوڪان گنب جا نهيل
هوا، ۽ زمين کان ڪو ٽورو مٿي چڙهيل هوا. ميرنجي
ڏينهن ۾ شهر جو آدم ٢٥-٣٠ هزار هو. ماڻهو لاڏين ۾
رهندا هوا، جنجي چنين ۾ هڪ ٻ ڳهي ڪام هوُندي
هٽي، ۽ پاسن کان ليٽيل ۽ ٽنين ٽ-ي بهاريل هوُندیوُن
هيوُن. پهرين جاءِ هاڻوڪي نموني تي سڻين چت سان
منشي آوٽ-راءِ ميرصوبدار خان جي بنگلي موافق ٺهرائي.
پاڻ ڳالهه ٽوڪري ٽ-ڪن حسد وچان ميرڪي وڃي
ٻڌايو ته هيءُ ٽو ميرصاحبن سان ڪلهو هڻي. هن جواب
ڏنو ته اِنهيءَ ۾ پاڻ منهنجي ناموس آهي جو موُن وانگر
ٽو جاءِ جوڙائي!

شهر جي صفائيءَ واسطي سرڪاري بندوبست

ڪوڙ هو. رستا تہ اَصل هوائي ڪين؛ رڳا پيچرا هوُندا هوا. ٽپال ڪٽڻ واسطي قاصد مقرر ڪيل هوا، جنڪي خط خط تي اَجوُرو ملندو هو. مثلاً" خيرپور جو قاصد هتان هڪ خط واسطي ١٠ روپيہ ونندو هو، اَهڙيطرح هنڊ هنڊ لاءِ مفاصلي پتالدڙ ٽورو گهٽو مقرر ٿيل هو. ماڻهوُ ويچارا غريب هوُندا هوا. ڪو ايڪر ٻيڪر گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ وڏيءَ مالي‌ءَ وارو ۽ جريت پريو هوُندو هو تہ هوُندو هو، جو ٻين کي ٻ نوڪري وڻي ڏيندو هو، نہ تہ ميرفتحعلي خان ۽ ميرغلامعلي خان جي ڏينهن ۾ نہ سخت نظر ڪري مهتن ۾ لڳي هوُندي هئي، ۽ ميرڪرمعلي خان ۽ مراد علي خان جي پيريءَ پڳهار ٽورا وڏيا، ۽ پوءِ تہ جڏهين چار حصيدار ميرصاحب گڏ حڪومت ڪرڻ لڳا تڏهين پڳهار وري ٻ وڏيا، ۽ ماڻهن منجهہ ٽڪو ٻ اَلبت مڙو ٽيو. شهر جا هندوُ ماڻهوُ گهٽا خدابادي هوا، جي هنريت سڏڻ ۾ آيا. جڏهين ميرن ۽ ڪاهوڙن جي لڙائي لڳي تڏهين شهر جا سڀ مهتا ۽ پائيبند وڃي خداباد ۾ لڏي ويٺا. خداباد ٻُن ٻ.هيڙن ۾ هڪڙي سِري ۾، پي هالن جي پاسي ۾. اِنهن ٻنهي ۾ هوُ وڃي رهيا. پوءِ جڏهين ميرصاحبن جي سوٻ ٽي تڏهين اهي سڀئي آيا ڪوٽڙيءَ، اُتان اَڇي ڪيترا ڏينهن گدو بندر رهيا، پوءِ تہ اَڇي حيدرآباد ويٺا. عاملن ۽ پائيبندن جو مکي ٻهرياڻ هڪڙو هوُندو هو، ۽ پوءِ ڪنهن سبب ٻ ٿيا. نيالي رسمن ۾ هيٺڙ وانگي ڏڦيڙ ڪوڙ

هو. تعليم هندن توڙي مسلمانن کي فارسيءَ ۾ ملندي هئي، ۽ مسلمانن کي پهرياءِ قرآن جو عربيءَ ۾ روان (پاٺ) سيکاري پوءِ فارسي پڙهائيندا هوا، ۽ جي وڌيڪ عربي پڙهڻ جي خواهش هوندي هين تہ فارسي هٿي آوري پڙهي ۽ وءِ مٿيارين جي ويجهو جهيجن ۾ وڃي پڙهندا هوا. هندو، بلڪ براهمڻ پنهنجي پرائن ڏرمان ڏرو ۽ واقف ڪين هوا، نہ وري گهر ۾ آهڙي سکيا ملندي هين. مسلمانن کان هندوُ گهٽا پڙهندا هوا. ڪتاب ۾ الف - ب - ڪانپوءِ ڪدم ڪريما، مهوُد نامو ۽ ناگهان هڪڙي پنيان پاڙهڻ شروع ڪندا هوا، تنهنکانپوءِ گلستان، بوستان، بهارداڻش، سڪندر ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب پاڙهيندا هوا. ميو صاحبن وٽ هڪڙو وڏو ڪتبخانو هو، پر اهو آنگريزن نيلام ڪري ڇڏيو. تعليم تي ميو صاحبن جي يا پي سرڪاري نظر ڪا ڪانہ هئي. ڪتاب بعضي بعضي اوطاقن ۾ ٻہ هوُندا هوا. آخوُند نينگرنکي نکن تي وهاريندا هوا، ۽ پاڻ گدييءَ يا ڪٽ تي وهندا هوا. آنهنکان خانگي ڪم ڪرائيندا هوا. پڙهاڻيءَ لاءِ ٻگهار مقرر ڪين هوا، پر سيڪو ٽڪو جمعگيءَ جو ۽ پائليءَ کان وٺي روپيہ ٽاءِ لوازمو ڏيندو هو. تنهنکانسواءِ آخوُندن کي ڏينهن وار تي ٻہ ملندو هو، ۽ چوڪرن کان "صلاح" (کائڻ جي شيءِ مان حصو) وٺندا هوا. ڪلاس رڳو هڪڙو هوُندو هو، ۽ جنهنکي جيڪو سبق ڏيندا هوا سو وٺندا هوا. چوڪر فارسي ۵-۶ ورهين کانوٺي

۱۵-۲۰ ورهين ٽاءِ پڙهندا هوا، ۽ ڪم جو سپ فارسيءَ ۾ هلندو هو، ٽنهنڪري سندن هوشياريءَ انهي مان معلوم ٿيندي هئي، ۽ امتحانن جو نالو ۽ ڪوڙ هو. نوڪريون ۾ پشت ۽ پاسخاطريءَ تي ملنديون هيون.

حيدرآباد ۾ پهريائين ۳-۴ ٽڪاٽا فقط اداسين جا هوا. سڪي ڏرم اوائل ۾ هٿ هوڻي ڪونه. هندو ڪي ولب سڙاميءَ جا ۽ ڪي درياه جا پوڄاري هوا. ڪورو نانڪ شاه سنڌ ۾ رڳو سکر ٽاءِ آيو هو، ۽ هيستاءِ لڙيوڻي ڪونه. سڪي گورو گوبندسنگهه جي ڏينهن ۾ پهريائين مسندن اچي هلائي، جنڪي ماڻهو ٻاڪل گهٽو مان ڏينڊا هوا، ۽ "صاحب" ڪري ڪوٽيندا هوڻ. مسند اَرداس ۽ پيٽا گڏ ڪري ڪورو گوبندسنگهه کي موڪليندا هوا. ڪانگن ٻوءِ اداسين ۽ ڪوروءِ پوڻن ٻيا ٻه ٽڪاٽا وڌا. ٽڪاٽن سيني جا ٻنڊياڻ بدل هوندا هوا، جي باهرائين (بڻيءِ وغيره مان) اڳڙندا هوا. شاستري علم هتي بلڪل ڪورو هو. فقط گرڙ هو جو پهرياءِ ٻاولپور مان آيو، جنهن موجب ڪريا ڪرم ٽيندو هو، ۽ هڪڙي ڪا سمرتي هئي جنهن موجب شاديون ٽيندیون هيون. پوءِ ديوان جهوڙيمل ۱۰ هزار روپيه خرچ ڪري دستخط شاستر ڪوڙيءِ جي هڪڙن بن ساڌن واسطي گهرايا، جي ڪيترن ڏينهن پڇاڙا پائي مولچند پائي سڪانند جي پٽ ۽ ديوان صورتسنگهه جي ياءِ ڪي هٿ لڳا، ۽ هن پنهنجي ڪتب چگيءِ طرح آندا. هڪڙو هوشيار پنڊت

اوچتو ملي ويس ، جنهن سبب شاستر چگيءَ طرح سيکاريس.
هن وٽان وري منشي گـدومل ۽ منشي آونـراءِ صاحب
ٻاڻ توڙي ٻيا کيترا سکيا. عربيءَ علم جا ته کيترائي
عالم هوندا هوا جي مٽيارين ۽ اڏيري جي پاسي جهيجن
۾ رهندا هـوا. فارسي سنڌ ۾ کلهوڙن کان اڳ پناڻن
زور سان وڌي هئي ، ۽ هندوءَ به تڏهين سکيا. فارسيءَ
۾ قابل هڪڙو ديوان بچاسنگھ ۽ ٻيو منشي صاحب جو
پيءُ ديوان صاحبراءِ هو ، ۽ ديوان صاحبراءِ جو شعرن جو
کتاب منشي صاحب وٽ اڃا تائين پيل آهي.

۲- ميرن جو احوال.

منشي آونراءِ چيو ته "جڏهين انگريزن سنڌ فتح
کئي تـ آڳ ۳۲ ورهين جو هوس ، ۽ ميو صوبدار خان
وٽ هوس. مون سندس ۱۰ سال نـوڪري کئي.
تنهنکان اڳ پائي جوئـالارام وٽ ڏونهين واريءَ گهٽيءَ
۾ شاستر پڙهندو هوس. منهنجي پتا ۽ پيٽ کـي اڇـي
ڊپ کنيون ته متان هيءُ وڃي ساڏو ٿئي ، تنهنکري
منهنجو پتا ميو صوبدار خان جو اڃا صاحبزادو هو ۽ ٻڌي
ٻوڌا هوس ، تنهنجي ڪڇريءَ ۾ رونـي ويم. ڪڇري
ڪهڙي! شاعرن جي ڪڇري! ديوان به ڪڇريءَ
۾ هو. پاڻ اڳيئي ميو ڪرمعلي خان ۽ ميو مراد علي خان
وٽ هوندو هو ، ۽ ميو ڪرمعليءَ پيريءَ ميو صوبدار سان
جاوات هئي سا هلي آئي. آڳ پڙهيل هوس ، ٻه ڏينهن
هـوس ، تنهنکري ڪڇريءَ ۾ ماٺ ڪري وهندو

هوس. هڪڙي ڏينهن ميرصاحب هيءَ بيت پڙهي ٻڌايو:

خموشيدن نكو باشد و ليكن
ز چندا نيك گويندت كه گونگي،
چنا باید كه پيش عاقلانها
زداشهاي خود چيزي بجنبي.

ليٽ شاعرن ۾ داخل ٿيس، ۽ پنهنجا نظم ناهيندو هوس ۽ كيترن ڏينهن پڇاڙيءَ ۾ "چوهو" جو بٽيدار مقرر ٿيس.

آسائجو ميرصوبدار چوياريءَ کان اڳي ميرڪرمعليءَ ۽ ميرمرادعليءَ ملڪ جا واليءَ هوا. سڀني کي معلوم آهي تہ انهن کان اڳ پهرياڻ ۾ ميرفتح علي ۽ ميرغلامعلي هوا، جنهنجا پهريان ۾ ميرياڻر هوا. انهن چٽني جي پيءَ ميرصوبدار کي پوئين ڪلهوڙي غلام شاه جي قبن تاءِ گهلائي مارائي ڇڏيو، ڏينهنتان پروچن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ ميرن جي سوڀ ٿي، ۽ سندن صاحبي سنڌ ۾ شروع ٿي. ميرڪرمعليءَ ميرمرادعليءَ کانپوءِ سندن عهدنامي موجب چوياري ناهي، جنهنکري ميرنُور محمد، ميرنصير خان (ميرغلامعليءَ جو اولاد) ۽ ميرمحمد خان ولد ميرمرادعليءَ ۽ ميرصوبدار ولد ميرفتح علي انهن چٽني سنڌ کي ۴ حصن ۾ وراهي ڪنيون. چٽني جا ڪارخانا جدا هوا ۽ مڙني جو وقت آسُودگيءَ ۾ پي گذريو.

٣- آنگريز.

انگريزن جي خراسان سان جي لڙائي ۾ ٿي ها ۽ ميرن جي صاحبي جيڪر اَلبت وڌيڪ جتاءِ ڪري ها، پر اِئين نه ٿيڻو هو. آنگريزن کي پنهنجو لشڪر خراسان ڏانهن وڃي وڃڻو هو. پنجاب مان لنگهه ڪرڻ ملين، چاڪان جو راجا رنجيتسنگهه جو ڏينهن ڏاڍو جوبن وارو حاڪم هو، تنهن هنڪي اِنهيءَ لاءِ اجازت نه ڏي، تنهنڪري سنڌ مان لنگهڻ کانسواءِ هنڪي ٻي واٽ کاڻ هئي، ۽ سنڌ جا حاڪم راجا رنجيتسنگهه جهڙا جبرا کين هوا، تنهنڪري سنڌن ملڪ مان زوران زوريءَ ٻه لنگهي وڃن ها، پر آنگريزن ظاهرون صاحه جي واٽ ڳولي، جنهنڪري ميرن صاحبن مهرباڻيءَ طور کين درياه وٽان جنگي جهاز هلائڻ جي موڪل ڏني. آنگريزن کي پهرياءُ ٻاڻي ڪڍڻ جي ضرورت پيئي، پر انهيءَ لاءِ رڳو ٽن ميرن سان صلاح ڪياءِ، اسانجي ميرن صوبدار کي نهاريائون ٻه کين. هنڪي ته اِها ڳالهه نه وڻي، ۽ هونکي چياءِ ته وڃي کو بندوبست ڪر. مُون وڃي منشي جينانند کڻي جو آنگريزن جي ٻاران ٿي آيو هو تنهن وٽ ذڪر ڪيو، ۽ چيومانس ته ميرن صوبدار جو وڏو حصو آهي، ۽ درياه اسانجو ٻه آهي، رڳو ٽن ميرن جو ڪونهي، تنهنتي هن ويري وڏو چنو انگريزن کي لکيو ته ميرن صوبدار جو وڏو حصيدار آهي، تنهنسان جيڪڏهين نه نهبو ته اسانکي درياه مان لنگهڻ

نہ ملندو. انگریزن جو جواب آیو تہ میر نؤر محمد جي سفارش نامي تي میر صوبدار سان عهدنامو کیو. میر منشي چیٹائند سان صلاح کئي سو تہ وري اسانجي فائدي ۾ هو، تنهنکري دوستيءَ جو عهدنامو ٹیو. منشي چیٹائند ڈاڍو عاقل ماڻهو ۽ سیاڻو ۽ دُور انديش هو. ۱۲-٦ مهنا اڳي ٻڌائیندو هو تہ انگریز فلاڻي ڳالهہ کندا تہ پوء اُها ضرور ٹیندي هٹي. سندس پگهار ۳۰۰ روپیہ هو. سنڌ ۾ ۲۰ ورهیہ رهیو ۽ لڑائيءَ کان اڳ رشوتخوريءَ جي تهمتن تي قید ٹیو.

عهدنامي کان پوء انگریزن جو جنڊرال (جنرل) سر جان کین ۱۲ هزار لشکر سان سنڌ ۾ کونڙيءَ تاءِ آیو، جیاءِ تہ اسانکي خراسان وڃڻو آهي. لشکر لاء کانو ۽ خرچ کپي. میر نؤر محمد خان داناءِ ماڻهوُ هو، تنهن ڈنو تہ جیکڈهن خرچ تہ ڈبو تہ هنجي اڳیان بهي نہ سگهبو، سو آغا اِسماعل شاه جنهنجي نالي سان ٹنڊو سڈبو آهي، تنهنکي موکلیاءِ تہ وڃي پُڙائي کر. هن ساڻن عهدنامو کیو، جنهنکري میر صاحب ۴ لکہ ڈل ڈیڻي کٹي. میر محمد خان ٹوريءَ مالیءَ وارو هو، تنهنکري میر نؤر محمد خان ۽ میر نصیر خان ۳ لکہ پري ڈنا، ۽ آڻ جو منشي چیٹائند سان ٹهیل هوس، تنهن وري انگریزن جي ذهن تي آندو تہ میر صوبدار خان انگریزن جو خیر خواه آهي، ۽ جو اسہ وارو ہو

آهي. اُهڙيءَ طرح لکي ڏيل کان پاڻ ڇڏايائين. پين ٽن ميرن کي اِنهيءَ ڪان بخيلي ويئي، ۽ کي ڪوڙا جعل سازيءَ جا دستاويز ٺاهي انگريزن جي پيش ڪيائين، جن ۾ ڏيڪاريائون تہ ميرصوبدار منشي جينانند کي رشوت ڏيئي پنهنجي ڏيل ڇڏائي آهي. اِهي ڪاغذ لکي صاحب ميرصوبدار وٽ ڪڍي آيو، ۽ چيائينس تہ مونکي توهانسان خلاصو ڪالهائڻو آهي. ميرصاحب چيس تہ مُون وٽ به منشي رهندا آهن، اُهي حاضر هُوندا. هن چيو تہ اُوهان سان اڪيلو ڪالهائڻو آٿم. ڏڌهين ميرصاحب ڪڍي مُونڊانهن نهاريو. تنهنتي مُون صاحب کان پڇيو تہ اوهين ڪير آهيو؟ چي آڄ سرڪار جو نوڪر آهيان. مُون چيو مانس تہ ”اسين به سرڪارجا نوڪر آهيُو. جيڪڏهين راڻي صاحبہ پاڻ اُچي ميرصاحب کي چوي تہ ميرصاحب به جيڪر هنسان خلاصو ڪالهائي؟ هينئر جهڙا اوهين راڻي صاحبہ جا نوڪر تهڙا اُسين ميرصاحب جا نوڪر آهيُون.“ تنهنتي هن ڪوڙا دستاويز ظاهر ڪيا جي ڏسي اُسين حيران ٿي وياسين. اُنهن جا اُڪر ميرصاحب ۽ ديوان ڪوڙيمل خزاني جي ديوان جي اُڪرن سان سڌ پڌ لڳي ٿي آيا، ۽ اُنهنتي مهر به جهڙي ميرصاحب جي لڳل هئي. مُون لکي صاحب کي اُتي جو اُتي چيو تہ هي سڀ ڪوڙ آهي، ۽ جيڪڏهين توهانکي شڪ هجي تہ توهين ڪهڙو به هڪڙو وڏو خط اُنگريزيءَ ۾ لکي ڏيو تہ سچاڻي جنسي

اَهڙو: ٻيو لکائي اَچوُن، ۽ ٻـوءِ اَوهانکي خبر کا نـ
پوندي تہ اصل کهڙو نقل کهڙو. اَسان جڏهين اِهو
بڌايس ڏهين هوُ نٽائي ويو.

جعل سازي هتي مخفي طور هلندي هئي، پـر جن
مـاڻهن کي ايندي هئي اُهـي اسان سان بـ نهيل هوا.
خبر! اِها ڳالهہ نيٺ مان ٿي ويئي. ڀل کانسواءِ ميو
صاحبن لشکر جي بي ب ڏاڍي رسائي ڪئي. اُنهن
کي مهمانيون ڏنائون. وڏا وڏا اَميرَ ۽ بروچ سرجان کين
سان خراسان ٿاءِ گـڏجي ويا، ۽ درياه جي ڪنڌي تي
رستو ناهي ڏنائون، ۽ اُنڪ ذري بـ کان ڪياءِ. ٻاڻ
جيترو ٿي سگهين اونـرو بين نندن خود مختيار ميرن
کان کين مدد ونڊي ڏنائون.

ميو شير محمد خـان ميرپور خاص جـو ڀل واري
عهد نامي وقت قري ڀيئن، ۽ ڏيڻ جي نہ پي ڪيائين.
ڪيس ملڪ جي رکي بارهين پتي هئي، ۽ ميو اوُر محمد
داناءِ ميو ڏنو تہ جي هيءَ تو لڙي تہ سمجهڻ ۾ ايندو تہ
سيٽي ميو لڙيا، سو ميو صوبـدار وٽ صلاح ڪرڻ آيو
تـ هنکي ڪٽن باز آڻجي. ميو صاحب هميشه وانگر
مؤنڊاڻه ڪري نهاريو. مؤن چيو: ساءِ اَسين پاڻيهي ٿا
اِهو ڪم ڪريوُن. ورندي ڏناءِ تہ تڏهين تہ ٻاڻ چگو.
جڏهين ميو اوُر محمد ويو تہ مؤن پنهنجي ميو کي چيو
تـ جي ميو صاحب ٻاڻ ميو شير محمد وٽ هلندو تـ

لڙائي ۾ روڪيي، ۽ انهي ۾ سندس نالو به ٿيندو، انگريز سائينءَ کي پنهنجو خيرخواه ڪري سمجهندا، ۽ ٻيو ته ميرن ٿورو محمد تي به ٿورو ٿيندو. ميرصاحب کي منهنجي ڳالهه پسند آئي، ۽ آسين وڃي ميرشيرمحمد کي ناهي آياسين.

خراسان جي لڙائيءَ کان ڪيترا ڏينهن پوءِ ميرن واري ميرورپي ديل ڏيڻ جي ته ڪئي، تنهن تي اڪرام صاحب مونسان ذڪر چوريو، تنهنکي مون تسلي جهڙو جواب ڏنو. مون ميرشيرمحمد کي وڃي چيو ته آسين وڏيءَ ٻڌيءَ وارا آهيون، سو ٿون ڪير جو ديل ٿو ڏين؟ تنهنتي مڙيو. ۱۲ کي ۱۴ هزار ڏيندو هو. انهيءَ ڪم ۾ سيٺ نانوتمل جو اڪرام صاحب وٽ هو ۽ انهيءَ وقت ڏرجي ويو هو، تنهنکي فائدي پهچائڻ لاءِ شامل ڪيم. اڪرام صاحب انهيءَ رسائيءَ کري مون سان بلکل نهي ويو، ۽ مونکي چياءِ ته اوهانکي سفارش نامو لکي ڏيان، ۽ سرڪار ۾ لکاڻ ته ٿوهان مونسان ڏاڍي مدد ڪئي آهي، ۽ سرڪار جي فائدي ۾ ويا آهيو. مون چيومانس ته مان انهي کي ڇا ڪندس؟ اوهانجو نوڪر ڪين آهيان جو مونکي اهو سفارش نامو ڪم ايندو. اڪرام صاحب حيدرآباد ۾ انگريزن جي ياران ريزيڊنٽ ٿي آيو هو. هوءَ ميرصاحبن جي حڪومت ۾ دست اندازي ڪائن ڪندو هو. جڏهين ميرصاحبن جي ملاقات لاءِ انگريز ايندا هوا تڏهين شهر ۾ ڏاڍو هل ٻکيڙو ٿيندو

هو ، ۽ ماڻهوُ پڻيان ”ايهو ايهو“ ڪري هوندا هئن ، ۽ پٿر هٽندا هوُن ، پر هوُ ويچارا سهي ويندا هوا . جڏهين قلعي ۾ گهڙي ويندا هوا تڏهين دربان ماڻهنڪي اندر اچڻ ڪين ڏيندا هوا . تنهن هوُندي بہ قلعي ۾ اندر گهٽوئي گوڙ ٿيندو هو .

مرحوم منشي آونراءِ وڏڪ هلي چيو : ”ڪجهہ وقت ڏٺين ميرصاحب ديل پهچائيندا ايندا هوا . ڪن ڏينهن پڇاڙا ميرنصير خان ميانيءَ ۾ پنهنجا روپيہ لڪائي جوڙايا ، جنهن چاندي گهٽ هئي . منشي جينانند کي شڪ پيو ، ۽ مونکي چياءِ تہ ٿوُن ڪي جاسوُس چڏي سگهہ وڻ تہ گالهہ ڪٿن آهي . موُن وراڻيو تہ مونکي اٿين ڪرڻ واجب نہ آهي ، آءٌ اِنهيءَ گالهہ ۾ هٽ نہ وجهندس ، پر منشي جينانند حريف ماڻهوُ هو ، تنهن اُهڙا جاسوُس چڏيا جن جنسي اُلهيءَ چاندي ءَ جو ٽڪر آڻي اڳيان رکيس . اُترام صاحب اُهو بمبئيءَ ڏانهن ڏياري موڪليو ، ۽ ڪلڪتي مان اِنهي ڪري سگهوڻي حڪم آيو تہ سنڌ مان ديل جي عيوض ملک وڃ ڪپي ، تنهنتي اُترام صاحب ديل جي عيوض ڪراچيءَ جي سالياني آمدنيءَ جا گچ ٿيندي هٽي ، تنهنجا ٽي حصا گهرايا ، ۽ اُسانکي پنهنجو حصو وري بہ معاف ٿيو . ميرصاحبن ڪجهہ وقت تاءِ اُهو ڏيڻ قبول ڪيو .

ڪيترا ڏينهن ميرصاحب پنهنجي قوُل موجب اِها ديل ڏيندا ايندا هوا ، جلدئي اُنڪريزن نيپئر صاحب کي سنڌ

دانھ لڑائيءَ واسطي روانو ڪيو. ٻيئر سنڌ ۾ خيرپور واري پاسي کان ٿوڙيو جتي سگھوئي ميرعلي مراد خان پنھنجي ڀاءُ ميرستم خان پنھنجي ٻٽ نصير خان سوڏو ڀچي آيو حيدرآباد مدد لاءِ ۽ ميرعلي مراد خان کي ٻيئر صاحب خيرپور جي ملڪ ۽ خزاني جو ڪجھ حصو ڏيئي ٺاھجو ڪري واپس ٽاڪيو. تنھنڪانپوءِ رخ رکياءِ حيدرآباد ڏانھن ۽ وات ٽي ٽي ھو تہ ھتي قلعي ۾ ميرمحمد خان جي بنگلي ۾ ميرصاحبن جي مجلس ٽي. ميرصوبدار خان پاڻ کين ھليو. پنھنجي پاران مونکي ۽ جمعدار کوڙي کي موڪلياءِ. اُسين پاڻسان ميرصاحب جُون مھرُون کڻي وياسُون ۽ ٻين ميرصاحبن کي ڇوسين تہ جيڪو عھدنامو ٿيو تنھنتي مھرُون ھڻي ڏينداسين. ميرصاحبن جو خيال جنگ ڪرڻ ٿي ھو، پر مُون ھڪڙي ھڪڙي سان مقابلي ٿي سڀني کي بھٽ ۾ قائل ڪيو، ۽ صلاح ڏني مان تہ جنگ نہ ڪريو. ڪراچي ڪري ڏيون، ۽ مُونتي رکو تہ پاڻيھي ميرستم خان کي ملڪ ونڻي ڏبو، او لنڊن تاءِ ٻہ وڃي ونڻي ڏبو. تنھنتي ميرنصير خان ھتي جي ڇيو تہ جي نيٺ نہ ملیو تہ ٻوءِ ڪٿن کبو؟ مُون ورندي ڏني تہ ٻوءِ سولي ڳالھہ آھي. اُوھانمان ھڪڙو ھڪڙو چوٽين پتي کڻي ڏينداس تہ ميرستم خان کي گھٽوئي ٿي پوندو. مُون جو ڇيومان تہ لنڊن تاءِ ٻہ ويندا سين، سو ھنڪري جو اُتروام صاحب مُونسان ٺھيل ھو، ۽ جڏھين اِنھيءَ بابت گفتگو ھلائي ھئي مانس تڏھين

مونکي پاڻ چيو هواءِ تہ اُسين اِنهيءَ گالهہ کان باهر ڪٿن وينداسين. اِلهيءَ خيال تي اُسان انگريزن سان عهدنامو ڪيو، پر ڪنهن ۾ خيرپور جي گالهہ کان نہ ڪڍي سين، ۽ اُسان پانيون تہ جنگ ٿري. رات ئي تہ ميرِ ستمرخان خيرپور واري جي پٽ اُڇي بروچن ۾ فتوُر جا گاهيو. چياءِ تہ انگريز اسانکان ملڪ کسي ويا آهن. عهدنامي ۾ اسان جو ذرو بہ اُعتبار کونهي. مات ڪري وهڻ نہ ڪهي. انگريزن وٽ آهي ڇا؟ رڳي ئي پلٽنيون تنکي هيٺري ۾ ڇاڻي ڇڏيو. اَهڙيءَ طرح بروچن ۾ اُڇي هل هنگامو مچايائين. ميرِ نصيرخان ۽ ميرِ نورمحمدخان جا پٽ ميرِ شهدادخان ۽ حسين علي خان لڙائيءَ لي سنيريا، ۽ ميرِ محمدخان ۽ ميرِ صوبدارخان مات ۾ هوا، پر سندن لشڪر سندن وس ۾ ڪين رهيو، ۽ ٻين سان لڙائيءَ ۾ وڃي گڏيو. ميرِ نُور محمدخان اُڳي وفات ڪئي هئي. جي حيات هجي ها تہ لڙائي جيڪر ڪين ٿئي ها. هوُ دانائ ۽ هوشمند هو. سمجهندو هو تہ انگريزن اُڳيان اسانجي دال نہ گڙي."

۴- جنگ.

بروچن پانيون تہ جيسين نيپئر صاحب اُڇيءَ اُڇي تيسين اُترام صاحب کي هلي قتل ڪجي، سو سندس چانوڻيءَ تي جتي هيٺئر صدر بزار آهي اُتي حملو ڪرڻ ويا. اُترام صاحب تہ اُڳيءَ ڏوراندينجي ڪري وٽس جيڪي ماڻهوُ هوا تنکي بندوُقون ڏيئي کارتوُسن سان

تيار ڪري بهاريو هو، سو جيستاءِ هنڪي ڪارتوس هوا، ۽ بندوقون ڀڳي چوڙياتون تيستاءِ بروچ ڀري بيٺا هوا، پر جڏهين ڪارتوس ڪٽس تڏهين ماڻهنسان گڏجي جويدو هليو ويو درياه ڏانهن، جتي آگبوٽ تيار ڪرائي جڏيو هوائين. بروچن پهريائين آچي سندس چاوٽي لڳي، پوءِ ويا درياه تي جهاز تي ڪاهي. اڀرام صاحب جهاز اوپارو هلايو، ۽ وري موڳي آچي بندوقون چوڙياءِ، جنهنڪري بروچن جا ڪيترا ماڻهو مڙا، پوءِ هو وڃي هالن ۾ ليفٽر صاحب سان گڏيو. اِنهي حملي ۾ ميو سيڻي ڪين هوا، فقط ميو شهداد خان ۽ ميو نڇا ماڻهو هوا. هينئر ته جنگ جا ڪليا ڪليا جهنڊا شروع ٿيا، ۽ ميو صاحبن جو لشڪر سنبهي پراڻي ميائي وٽ قليليءَ جي پيٽ ۾ ٽي ويٺو. ليفٽر صاحب به اُني آچي ساڻن اُڪيو.. جتان انگريزن جون بندوقون ڇڻن ٽتان وڃيو بندن کي لڳن. ليفٽر ڏنو ته هنن سان اِنين پڄڻ جي جاءِ ڪانهي، ۽ اُسانجي ڪوشش آجائي آهي. سو جيڪب صاحب رسالدار جنهنجي هٿ هيٺ هزارڪن گهوڙي سوارن جو هو، تنهنکي حڪم ڏناءِ ته قليليءَ جي منهن وڃان وڃي ميرنجي لشڪر تي حملو ڪر. بروچ ته يڪدم هن جي سامهون ٿيا، پر اوچتوئي اوچتو جيڪب جو رسالو جاڻي واڻي اُني پڳو، ۽ بروچن به چيو ته "پڳا ڙي پڳا!" اِنين پڪاري اُني هنجي پٺيان پيا، ۽ جهڙو قليليءَ جو پيٽ ڇڏي بند جي مٿان آيا

تهڙو نيپئر اِني حڪمت عملي هلائي پلٽڻين کي فائل ڪري ونيو پنيان ڦري فائر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. آني هٽي بروچن کي پڇي رکياءِ. کي مڙا کي ٻڌا. مير شير محمد سان جا لڙائي ٿي لنهن ۾ هن پنهنجو لشکر واه ۾ ڪري لڪايو هو، پر هن سان به ڪار سا ڳي ٿي. البت ايترو ڪياءِ جو پنهنجي مضبوط توپخاني سان آنگريزن کي بلفعل بهاري چڏياءِ، پر پوءِ نيپئر ٥ ـ ٶڪن سولجرن کي شراب پياري حڪم ڏنو ته سامهون وڃي توپخاني تي هلان ڪريو. هنن ياون واه جي منهن ۾ بنا ڊپ آڳتي وڌي مير شير محمد جي ماڻهنکي هٽائي چڏيو ۽ سندس توپخانو به هٿ ڪيو. اِهو لڙائيءَ جو بيان اسان ڏڏهين سيٽ ٽنڊ ٽمل شڪارپوريءَ جي اولاد جنکي نيپئر صاحب ساڻ ڪنيون هو، ۽ جنجي آکين ڏڏل ڳالهه هئي لنکان ٻڌو هو. آسين پاڻ آني ڪونه هواسين."

منشي صاحب جي واڌان اسان اِنهيءَ قصي نسبت هڪڙي ڳالهه ٻڌي آهي جا مان پانيان ٿو اوهان سڀني کي آڇرج ۾ وجهندي. هيتري چئي کانپوءِ هنجو پڪو رايو آهي ته انگريزن جو اِنهيءَ ۾ ذرو به قصور ڪونه هو. هو چوٿو ته کابه بي انصافي کان ڪياءِ. هنڪي جنگ ڪرڻجو اِرادو ئي ڪونه هو، ۽ جي مير صاحب دل چگيءَ طرح بهچائيندا اچن ها ته هوُ جيڪر زبردستي کين کن ها. اِهو ٻڌي اسين عجب ۾ پياسين، خصوص جڏهين اِنهيءَ کان کي ٻوڙا مهنا اڳ اسان "پاپونئر"

اِخبار جنهن ۾ سنڌ جي فتح بابت ذڪر ٿيل هو تہ. ويچارن ميون سان ناحق ٿيو، ٽنهنڪري منشي صاحب کان پڇيوسين تہ انگريزن کي ڏل وٺڻ جو اَصل حق ڪهڙو هو؟ جواب ڏنائين تہ حق برابر ڪونہ هون، پر انگريز ويا ٿي خراسان تي ڪاهڻ، ۽ پئسا کپندا هوُن. پانيائوُن تہ خراسان اَسانجي هٿ آيو ڪي آيو سو اَڳيئي پاڻکي اَٽيجا والي سمجهي سنڌ جا ميرجي ڪي ڏينهن خراسان جا خراجي هوا، تنکي چيائين تہ اِها خراج اَسانکي ڏيو، پر خبر اَئو تہ خراسان جي ڏل برابر پريندڙ هوا، پر اِها گهٽڻ ڏينهن کان بند هئي. ٻيو ڪنهن سان دستوئي ڪونہ هون، رڳو رنجيت سنگهہ سان. ايترو هو جو هنجو وڪيل موهن لعل سنڌ ۾ رهندو هو، ۽ ميون جا وڪيل بہ لاهور ۾ هوُندا هوا. سال سال رنجيت سنگهہ ۴-۵ هزارن جون سوغاتوُن موڪليندو هو تہ ميرورڪي ۸-۱۰ هزارن جون روانيوُن ڪندا هوس. رنجيت سنگهہ سان اِنهيءَ ڪري دوستي رکندا ايندا هوا جو ڊپ هون تہ زور وارو آهي، متان اَسانتي ڪاهي اَچي. صاحبو، انهيءَ جواب مان سهي ڪنديءَ تہ منشي صاحب جو مٿيون رايو "ڏاڍي جي بادشاهي" اِنهيءَ خيال تي منحصر آهي. انگريز ڏاڍا هوا، ميون کان سنڌ اُڙهزورائي ڪري بہ وٺن ها، ٽنهنڪري ميرصاحبن کي سندن مرضي رکڻ ڪپندي هئي. اِئين جو هنن لہ ڪيو، ۽ جنڪر جوڻيائوُن

ٽنهنڪري منشي صاحب جي نظر ۾ هن ٽنهنجي
اُبهراڻي ڏيکاري.

۵ـلڙائيءَ کانپوءِ ميرنجو قيد ٿي ڪڍي وڃڻ.

لڙائيءَ کانپوءِ جيڪي وهيو واپرو ٽنهنجي منشي
صاحب هيءَ وارتا ٻڌو ڪري: "ميائيءَ جي جڏ واريءَ
رات جو مان ميرصوبيدارخان وٽ ويس. هن اڳ
ڀرجي چيو تہ "جنگ اُسان کاڻ ڪئي، تڪو ڪو
اُسانجو اهڙو اِرادو ٿيو هو: هاڻي وڃي کو بلو ڪر تہ
اُسين تہ بچي پئُون. اُسانکي ٽنهنجو حصو ملي، ۽ ڪجهي
نہ وڃي." آءٌ هي ٻڌي اوڏي مهل ئي رات جي وڃڻي
ڀ ميرصاحب کان چٽي لکائي ويس لڙائيءَ واري هنڌ.
وات تي هڪڙي ڪڙميءَ چٽاءُ ڪيم تہ "ساءُ، جنڊ وال
صاحب جو سپاهين کي حڪم آهي تہ جيڪو ٻوليءَ وارو
آدمي ڏسو ٽنهنکي ماري ڇڏيو. ٽنهنڪري صلاح اُٿو
تہ اڳتي نہ وڌو، موٽي وڃو."

آءٌ لاچار پنتي وريس، ۽ صبوح جو سج اُبرٽي کان
اڌ ٻلي اُٽ تي چڙهي سڏو ويس ميائيءَ. پاڻسان ماڻهوُ
گهوڙي تي چڙهيل هوم. ويجهو وياسين تہ جيڪب صاحب
رسالدار اِشاري تي وڏي آيو، جنهنکي ٽنهنجو مطلب
ڄاڻايم، سو وڃي ليفٽر صاحب کان موڪل ونڊي آيو، تہ
پهرياءُ ڇڏياءُ تہ پاڻسان هٿيار تہ ڪين اُٿو؟ مؤن چيو نہ.
مونکي سڏ ڪاڻ هٿي تہ منهنجي جت غاشي ۾ ڪا تڪرار
لڳائي ڇڏي هٿي، سو جڏهن جيڪب صاحب قولهہ

ڪئي ۽ تڙار ليي آئي. ٽڏهين مونکان پڇياءِ ۽ هي ڪٿن؟ مؤن چيو ۽ صاحب، مونکي اِنهي جي خبر ڪانه هٿي. خٽر، تڙار ڪسي ورتاءِ. پوءِ اسانکي چانوٽيءَ تي وڻي هليو. اُتي سڀ ڪورا عملدار گهوڙڻتي چڙهيل اَسانجي ويجهو اُچي قطار ڪري بيٺا، ۽ سپاهي به صفُون ٻڌي بيٺا. حڪرت جهڙا ٻئي ڏسڻ ۾ آيا. جا سندن ٻوشاڪُون جا سندن بيهڪ! مان اُٽ تان هيٺ ڪين لٿس. پاڻيم ۽ بادشاهي ۽ اُونهيڙي ويڙي آهي؛ ڪهڙو اُٽ تان لهُون؟ سو ميو صاحب جي چئي ڪڍي ليٽٽر صاحب کي ڏنيم. چيومانس ۽ صاحب، اَسانجو ميو صاحب ۽ لڙائيءَ تي چڙهيو، ۽ وري سندس کا اَهڙي ليٽ ٿي هئي. جواب ڏاڍ ۽ چگوِ، ٻه جيڪي لڙائيءَ لي چڙهيا هوا تنکي وڃي چوِ ۽ اُچي هتي حاضر ٿين، ۽ پيش پون، ۽ ۽ لشکر تيار ٿيو ٻيٽو آهي؛ هلي قلعي ۽ شهر جي ڦر ڪندو. چياءِ ٽ اُچڻاءِ جلد. تنهنتي مـؤن ورندي ڏني ۽ صاحب، هوُ ٻاڻ منهنجي ٻـرخلاف؛ منهنجي چئي ٽوروٽي ايندا، تنهن هوُندي به آءٌ وڃي ٿو چوان، ٻه ٻهر ڪن ۽ لڳندو. صاحب چيو ۽ اُٽ اَٽيٽي پـلـو؛ ڪلاڪ ۾ پهچائيندءِ. چيم ۽ پهچڻ جي ڳالهه ڪانهي؛ ڳالهه آهي هنڪي آڻڻ جي. تنهنتي ليٽٽر صاحب جواب ڏنو ۽ پلا ڪلاڪ جي مهلت اَٽيٽي. آخر اُچـي بـن ڪلاڪن ٽي ٻيٽو.

ٻوءِ آءٌ سڏو آيس قلعي ڏانهن ، ۽ اُتي کي ٻاهر بيهاري قلعي جي ٻيءِ دريءِ کان اندر ويس. اُجا اندر ويس تہ ميو نصير خان پنهنجي ننگلي جي دريءِ مان منهن ڪيو. مُون سلام ڪيومانس. پڇياءِ ڪيڏانهن وڃا هوا؟ چيومانس تہ ساءِ ، وڃو هوس جيڏانهن اُوهين سنيو يا آهيو. مولوي اُحمدعلي جو ميو صاحب جو خاص طبيب هو ، تنهن کو ڪيس اڳيئي چتايو هو تہ نيٺ صاحب ميو صاحبن جي پيش ٻوڌ کان ترسيو ويندو آهي. جي هُو پيشُ تہ پيا تہ قلعي جي قرلت ٽيندي ، ۽ ٻي ستري ٽيندي ، سو اُڃيئي ترار بڏي پڻي سانباهو ڪياءِ ، ۽ ميو شهداد خان تيار هو ؛ باقي ميو حسين خان ڏاري لي هو. ميو نصير خان مونکي چيو تہ ٿُون هنکي وڃي آءِ. مُون وراڻي ڏني تہ ساءِ ، آءٌ هڪڙو ڇڪو ڪٽن ويندس ؟ ٻيو بہ ڪو ماڻهو ڏيو. تنهنتي نواب محمد خان (جو ميو محمد خان وٽ مختيارڪار هو) گڏي ڏناءِ. جڏهين ڏاري لي ويس تہ ٻيهي ميو حسين علي‌ءِ جي ماءُ ، ميو صوبدار خان جي ٻيڙ ، مونکي تاکيد ڪيو تہ ٿُون صوبدار خان جو منشي آهين ؛ آءٌ هي‌ءِ ٻانهن توکي ٿي ڏيان ، ۽ وري وڃندیس بہ توکان. دلبر چيم تہ هي ڪهڙي جوابداري ٿي مُونتي پوي! هنکي انگريز قيد ڪري ويندا تہ پوءِ منهنجو ڪهڙو وس؟ ڏٺم تہ هُوءِ بي ستري ٽيندي ڏڌهين ڪٽي پاڻتي وڏم تہ اِها ٻانهن مونکان وڃجو. پوءِ اُنهن ميو صاحبن سان مان ۽ ٿورا خدمتگار بي

هٿيار گڏ جي چانوٽيءَ ڏانهن هليا سين. هوءَ گهوڙن لي هوا، مان اُٺ لي هوس. پريان جيڪب صاحب جو پهري لي بيٺو هو تنهن سهي ڪيو تہ ميئر صاحب آيا آهن، سو وڃي ميئر صاحب کي چتايائين، تنهن لي سڀ عملدار اڳرا وڌي آيا، ۽ اُڇي ميئر صاحبن کي خوش و خير عافيت ڪياءِ. هنن واسطي خاص تنبوُ اڳيٽي تيار ڪرائي ڇڏيو هوائين، تنهن ۾ ميئر صاحبن سان آءٌ به وڃي ويٺس. ذري ساعت کانپوءِ مان اُٺيس، پر ساڻ ميئر حسين علي خان کي به ٻيٽو هوم، سو اُترام صاحب کي چيم تہ هيءَ چوڪر آهي ۽ ڊڄي ٿو، هنکي موڪل ڏيو. اُترام صاحب تہ اوهانکي سڌ آهي تہ موُن سان ٽهيل هو تنهن ميئر صاحب کي چئي هنکي چڏايو. مونکي چيائين تہ هنڇي ٻانهن وري توکان لهڻي. موُن چيو بلا شڪ. جڏهن ميئر حسين علي خان ڏٺو تہ هن جيڪي گهريو سو ملیس ڏڌهين شهر ۾ اِيندي شرط اُڇي هل پکيڙيائين تہ ميئر صوبدار خان قبضو ۽ ٻيا سڀ ڦريا، ملڪ مڙيوڻي هنکي ملندو.

چانوٽيءَ ۾ تنبوُءَ جي ٻاهر مونکي علي اڪبر ايراني (ميئر صاحب جو ترجمان) گڏيو هو، جنهنڇي رخ مان سهي ڪيو هوم تہ لالچ سان باز ايندو. اِهو حال ٻڌائي چيو مانس تہ وڃي ميئر صاحب جي ذهن تي آڻ تہ اُسانکي سڄي ملڪ سان واسطو ڪونهي، فقط اُسانجو جيڪو حصو آهي سو اُسانسان قائم رهي. چيائين تہ ڏيندين ڪهڙو؟

چيو مالس ۵۰ هزار، پر آسان وٽ سکو تيار ٿ آهي، سو هينئر ٻڌي هزار وڃن، ٻيو توکي ٻوءِ پڇائي ڏيندا سين. پاڻسان ۲-۳ هزارن جو سون موجود هوم سو حال في الحال کڻي ڏيو ماس. مولوي احمد علي جنهن آسانتي کا نظر ۾ هڻين ٿا نهن پاڻيون ٿ هي پاڻ کا صلاح پيا ڪن. سو وڃي ميرنصير خانکي ٻيٽ ڏنائون، ٿنهن سمجهي ورتو ٿ کا رشوت ٻاسي آڻس، پر يڪين هوس ٿ هيءَ غريب ٿنهن آجاکي ڏوکين هوندو، رکو آنجام کيو هوندا. ٿنهنتي پاڻ وري علي اکبر کي لک روپيه آڇياءِ، ۽ ٽوشاخانو جو آجان سندن قبضي ۾ هو ٿنهن مان هزار مهرون گهرائي کڻي آڻيان رکيائينس، انهيکري جنهن ٻه لي اسان ٻهريائين آندو هوس ٿنهنتان قري ويو. ليپٽر صاحب سکهوٽي انهيءَ کانپوءِ آتان کوڄ کري ميرصاحبن سميت آبو گدوٻندر جتي سندس کامپ هو. الي ميرصوبدار کي اڙيءِ ۽ قاسائڻ لاءِ ميرنصير خان ويهي جعل سازيءِ جو مصحف ناهيو، جنهنڀر لکيل هو ٿ ميرصوبدار خان ٻين ميرن سان گڏ انگريزن کي سامهون ٽيڻ ۾ شامل هو.

مصحف ۾ ميرصوبدار خانجي مهر ۽ اکر سڌ ٻڌ لڳي ٽي آيا. ليپٽر صاحب کي اهو ڏيکاريائون، ۽ هيءَ ٻڌ سمجهايائون ٿ هو شايد گواه گهرائيندو، سو هرکائي کڙو کياٿون ميرمحمد خانکي. هوُ ساڻن آڳيٽي ڳنڍيل هو. هنن سان عهدنامو هوس ۽ فقط لڙائيءِ وقت آسان روکي

پاڻوت وهاريو هوس تہ من ڀچي وڃي، ۽ پاڻ اُنهن عهدنامن
کريٽي گرفتار ٿيو، ۽ هينئر جو ڏنائين تہ پاڻ ۽ ميرنصير خان
۽ ميرشهداد خان ۽ ميرحسين علي خان قائا آهن سو پانياءِ
تہ باقي ميرصوبدارخان ۽ قاسي تہ چگو. ٽنهنڪري شاهدي
ڀرپاءِ تہ برابر هيءِ ميرصوبدارخان جي مهر آهي ۽ اُکر ۽
بيشڪ هن لکيا آهن. ليپٽر صاحب تہ هو اُنگريزي دان
سو تہ نڪا اُسانجي ٻولي سمجهندو هو، نڪا ڪا هتي
جي زبان جيئي جاڻ هيس. ڪيس علي اڪبر اُنگريزيءِ
۽ فارسيءِ جو ترجمو ڪري ٻين جو مطلب ٻڌائيندو هو.
پر هوءَ اهڙو شيطان هو جو جيڪڏهين چٽبو هوس تہ
صاحب کي چوڻ تہ اُسين سائينءِ کي دعا تا ڪريون تہ چوندو
هوس تہ صاحب، گاريون ۽ پارانا پيو ڏيو. ٽنهن هوُندي ۽
مُون هنکي چيو تہ مونکي هلڻ ڏي اِنهيءِ مجلس ۾ تہ
آءٌ پاڻهي ڳالهہ کي سمجهندس. چياءِ تہ ميرمحمدخان
پاڻ شاهدي ڏني آهي سو ٽنهنجي ڇا هلندي؟ مُون
اُٺرام صاحب کي اڳيئي چٽايو هو تہ اُسانجو جنگ ۾ واسطو ئي
ڪونهي، پر هن وري جواب ڏنو تہ اُوهين پنهنجي لشکر
کي جهلي ڪين سگهيا، ٽنهنڪري چٽبو تہ اُوهان
جنگ ڪئي، ٽنهن هوُندي ۽ مان ليپٽر صاحب کي
چوندس ۽ سرڪار ۾ ۽ لکندس. ويچاري لکيو، پر وري
کي ۽ ڪين، ۽ هينئر مصحف جي قصي کانپوءِ ۽ اُٺرام
صاحب کي چيوسين تہ اسان سان بي اِنصافي ٿي ٿئي ۽
اُوهين مهرباني ڪري کا مدد ڪريو. جواب ڏنائين تہ

ڳالهه هاڻي منهنجي وس کان ٻاهر نڪري ويئي آهي اوهان هيترئون ڳالهيئون ڪيئون ، ۽ هوءَ پاڻ هينئر مؤنٽي ڏ مريا وينا آهن. ڏ نوسين ته ڪٽان ڪين وريو ، ۽ نااُميديءَ ۾ ريجي موٽي وياسين. ميرصوبدارخان وچاري کي ته پوءِ ڪري ٻين سان سوگهو ڪياٽون. ڪامپ ۾ نيپئر صاحب ساڻس ٽوري گهڻي گفتگوءِ هلائي هئي ته لڙائيءَ تي کڙا ميو چڙهيا هوا، پر هن شيطان علي اڪبر جي ڳري رقم کاڌل هئي تنهن نچاڻا چا چا پئي چيس.

ميرصاحبن کي ٽورن ڏنهن کانپوءِ ڪلڪٽر روانو ڪياٽون ، جتان هنن ديوان ڏيارام ۽ آخوند حبيب الله سان هڪڙو انگريزي وڪيل شامل ڪري لنڊن موڪليا. اُتي وڃن اُڏرام صاحب ايندو ويندو هو. هن ٻڌاين ته هتي سرڪار جي ڏيان تي ڳالهه آڻڻ لاءِ لکه گهوڙن ، ۽ توهان جو فقط هڪ لکه پاڻ سان آندو آهي سو کڙو ڏ ڪ جهليندو؟ تنهنڪري هنن وچارن تراس تي موٽ کاڌي. (اِئين منشي صاحب اُڳيين يادگيرين ۾ نوٽ ڪري ڏاڍو غم ڀرجي ويو ، ۽ ڏو ساه کڻي چياءِ ته وقت جي صلاح تي يار ڪين هليا ، ۽ پنهنجي حڪومت وڃايائون.)

جڏهين حيدرآباد جي ميرن سان لڙائي پوري ٿي تڏهين نيپئر صاحب ميرشيرمحمد خان کي چوائي موڪليو ته توهان جنگ کانه ڪئي آهي سو اُڇي سلام پريو. هن جواب موڪليو ته توهان وٽ جي ميرصاحب قيد آهن تن کي ڇڏيو ته آءٌ سلام ٿي اُڇان. اِها ڳالهه پلا هوءَ ڪٽن

مڃين؟ تنهنڪري يار اُبهرائي ڪري ڪئي جنگ، جنهن
ر اوهان کي سڌ آهي تہ ڪٿن پاڻ کاڌاءِ. ڪيترا ڏينهن
اُنگريزن کي هٿ نٿي آيو، ۽ چوائي موڪلياءِ تہ جي
موڪي ڪلڪتي تہ موڪليندءِ، ۽ ميرپور خاص ر پينشن
ڏيڻ جو اِقرار ڪندءِ تہ اُڇي پيش ٿوندس. انگريزن
اِهو شرط قبول ڪري پينشن ڏيئي ميرپور ر ڪري
وهاريس.

ڪلڪتہ ر ميرنصيرخان ۽ سندس پٽ عباس علي
خان مري ويا، ر ميرنصيرخان جو ٻيو پٽ ميرحسنعلي
خان ۽ سندس پوٽو ميرعبات علي خان جو پٽ مير
عبدالحسين خان جيئرا آهن. ميرشهداد خان، ۽ ميرصوبدار
خان ۽ ميرمحمد خان بہ اُتي رهڻ ڪئي. ميرصوبدار
خانکي بہ پٽ هوا تن بہ ڪلڪتہ رهڻ ڪئي. باقي مير
حسينعلي خان هتي موڻي آيو هو، ۽ سندس پٽ مير
نورمحمد خان اُڃا حيات آهي. [ميرنجي قبن ر سندن
عاليشان قبرون آهن. منشيءِ صاحب کان پوءِ ٻين بہ
وفات ڪئي.]

لڙائيءِ کانپوءِ ميرصاحب اُڃا گدوُ بندر نظربند رهيا
هوا، ۽ مصحف ناهي ميرصوبدار خان کي پڪڙايو هوائٽ،
ڏهين انگريزن هڪڙي پلٽڻ تيار ڪرائي، جا منهنجي
۽ ميرميرمحمد خان جي خدمتگار محمد يوسف جي
(ميرصاحب جو ماڻهو هو، ۽ ميرصاحب وٽ مختيارڪار
هو، ۽ ڏاڍو پڙهيل، عاقل ۽ آبروءِ وارو ماڻهو هو) ٻنهي

پاسي بيهاري ڇيائون تہ وڃي هنڪي ڪوٽ ڏيکاريو.
پلٽي جي سرڪردي مؤنکان پڇيو تہ شهر ۾ ميرصاحبن
جون توڙون تہ ڪين ٿهيون رکيون آهن؟ مون چيو ڇا
جؤن توڙون؟ اِهو تہ خيال بہ ڪنهنکي ڪونهي. جڏهين
قلعي جي نزديڪ آيا تڏهين ٿلهہ ڏسي پڇيائون: ٿلهہ
آهي؟ مؤن چيو: هائو. ڇيائو تہ هلي آسانکي ڏيکاريو.
ورندي ڏني مان تہ مان ڪونہ چڙهي سگهندس. اوهين
پاڻيهي وڃي چڙهي ڏسو. هُو ويا ۽ وڃي بُرق (جهنڊي)
ٽنگيائون ۽ پهرو بيهاريائون. ٽنهنکانپوءِ زيور گهوريائون.
مون ميرصوبـدار خانجي پرستار جـا گهٽا آٽي ڏنامان،
باقي بيا تہ بيبين ٽاٽي ڇڏيا ۽ باهر ڪي ٽورا ڪيائون.
قلعي تي جيڪو ڪرنل مقرر ٿيو هـو تنهنجي منڊم کي
ميرنـوُر محمد جي بيبيءَ ٽاهي ١٠-١٥، يا ٢٠ لکين جا
زيـور قلعي کـان باهر ڪيا: اُنهنمان ميرحسين علي خان
ميرشهداد خان کـي پـي پهچايا. آسانجي ميرصاحب کي
جيڪو ٽورو گهٽو خـزانو هو سو بـہ اَنگريـزي حاڪمن
کي هٿ چڙهيو؛ باقي زيور سي سندس بيبيءَ بہ گهٽا
پاسي ڪيا.

بيبين بين سينهي کي ڏولين ۾ چاڙهي عزت سان
محمد يوسف جي ٽنبدي وڃي وهاريائون. مٿي آسانجي
ميرصوبدار خان جي ماڻهو زال ۽ ڏيءَ سي وڃي هوڙيءَ
وينيون. اُتـي ميرصاحب جو باغ، شڪار گاهہ ۽ بنڪلو
هو، ۽ اُتـي هنڪي ڪجهہ وقت کان پوءِ پينشن ڏني

ڏ لاڻون. ميرصاحبن جا هٿيار پنهوار ۽ سڀ هٿ آندائون ، جنهان کي ڪاڪڙ ميرنکي مؤڙائي ڏ ڻائون. منجهن هڪڙي هيون سان تلوار جا ميرفتح علي خان جي جڙايل هئي سا ميرصوبدارخان کي ملي ، ۽ هن وري هتي ڏ ياري موڪلي. (اني وري ۽ منشي صاحب ڏ ڪم ۾ رجي چيو) ته سڀ ڪري ڇو نه ويچاري آسانجي ميرسان نسوري ني انصافي ٿي. پلا نيپئر صاحب سندي پائيءَ جي ۽ نه سمجهي ، ۽ جڏهين کانئس روبرو ٿي ڪاميڀ ۾ لڙائيءَ جو سربستو حال ويني ڇپياءِ تڏهين علي اڪبر اڻائي چا ني چيس.

۶- ميرن جي رهڻي ڪرڻي ، ۽ ملڪي ڪاروبار.

ميرنجي صاحبي سند ۾ ۶۰ ورهين کان مٿي جڻاءِ نه ڪيو. منجهن اهڙو دستور کونه ٿو پائنجي ته حاڪم جي مٿي کان پوءِ هروڀرو سندس مربي پٽ ني پاڳ آچي ، ۽ حڪومت جي واڳ ملیس. ميرفتح علي خان کان پوءِ سندس پاءِ ميرغلام علي خان سَروري ڪئي ، جنهان کان پوءِ وري بين بن نندن پائرن ميرڪرم علي خان ۽ ميرمراد علي خان حڪومت هلائي ، ۽ ميرڪرم علي خان جي مٿي پچاڻان ميرمراد علي پڪوئي پڪو رئس حيدرآباد ۾ وڃي رهيو. سندس لاڏاڻي کانپوءِ چوڌاري نهي ، جنهن بابت مٿي ذڪر ٿيل آهي. (منشي صاحب ميرڪرم علي ۽ ميرمراد علي ۽ کي سنهڙي. ميرڪرم علي خان جي ڏاڏي

ساراه ٿو ڪري ۽ چويٺو) ته هوءَ ڏاڍو عمدو، لياقت پريو، نيڪ خوءَ ۽ شخي آدمي هو. بندگي ٿوري ڪندو هو، پر پڙهيل ۽ قابل هڪڙوئي هو. پاڻا نظم ناهيندو هو ۽ پنهنجون طبعون لکيون اٿس. نوڪرن جي ڏاڍي رکندو هو، ۽ راڄ ڏيئي اٿندو هو. صبوح جو سڄ اُٻرئي ڪڇري گڏ ٿيندي هئي، ۽ منشي پاڻ ديوان ولبداس سيوهاڻيءَ سان گڏجي ويندو هو. ميرمراد علي خان داناءُ ۽ سياڻو ميرهو. پر اَلبت ڪرڙو هو، جنهنڪري ماڻهوءَ سندس خدمتگار ڪالهس ڏاڍو ڪنبندا هوا، ۽ ونءِ ٻيا ويندا هوا.

منشي صاحب پنهنجي ميرصوبدار جو ذڪر ٿو ڪري ته هوءَ ويساه وارو آدمي، پڙهيل ۽ شاعر ۽ بلڪل سڄي سياه وارو ماڻهو هو. پنهنجيءِ فرصت جو وقت بين وانگيان اَجايان گالهين ۾ ضايع ڪين ڪندو هو. هوءَ هميشه ڪتابن پڙهڻ ۾ مشغوُل هوُندو هو. ميرنصيرخان سڄي ۽ بت ۾ پريل، قداور ۽ بلڪل ٽلهو هو، پر هلي چلي چگو سگهندو هو. ماڻهن ۾ جو فهم آهي ته هوُ اهڙي جهڙي دروازي مان لنگهي ڪين سگهندو هو، سو غلط آهي. ميرمحمدخان علم ڪونه پڙهيو، ليڪن هوُ به ويساه وارو، خوش طبع ۽ خليق آدمي هو، پر پوين ڇڻن ميرصاحبن کان داناءُ ميرٿوُرمحمدخان هو. جيڪڏهين هوُ نه هجي ها ته سنڌ جيڪر سرجان ڪين جي اُڇڻ وقت ٻي هٿان هلي وڃين ها. ميرصاحب دليرءَ ۽ بدن ۾ سڀ مضبوط

۽ ڪندرسٽ هوُندا هوا. فقط ميرصوبدارخان کي مرڪهي هوُندي هٿي جا ڪڏهين ڪڏهين ٿيندي هيس.

ميرصاحبن جا وقت ٺهرايل هوا. ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو صبوح جو سويرو ڪچهري فقط بروچ عرضدارن واسطي ڪڏ ٿيندي هٿي. وڃوُن وقت ۽ پهريءَ تاءِ ديوان گذارش ۽ لکپڙهه جو ڪم ڪندا هوا. پوءِ ميرصاحب ٿورو آرام ڪندا هوا. سندن جايون سڀ قلعي ۾ هوُنديوُن هيوُن، جي هينئر ڏهي ويوُن آهن. هرروز سڄ اُپرتي کان اڳي قلعي جي دروازي واري دري پٽبي هٿي، جنهن کري ڪچهريءَ کي "دريءَ جو سلام" ۽ ڪري چوندا هوا.

اُتي ميرصاحب واسطي مسند ۽ بين واسطي گادم وڇايل هوُندا هوا. مسند جي پاسن کان بروچ قطار ڪري وهندا هوا. اُڇي اُڇيان ۾ ديوان ۽ پنيانس خدمتگار ويهي وينداهوا. جڏهين ميرصاحب ڪچهريءَ ۾ ايندا هوا تڏهين بروچ، ديوان ۽ ٻيا سڀ خدمتگار اُتي بهندا هوا. بروچ پنهنجا عرض ميرصاحب کي ٻڌائيندا هوا: کو جاگير واسطي، کو ٻنيءَ واسطي، سي سڀ اُتي جو اُتي ديوان ڪاغذ تي هٿي چڙيندا هوا، ۽ ٻه ٻهريءَ جو جيڪي ڪچهريءَ ۾ وهيو واپرايو هوُندو تنهنجي گذارش ڪندا هوا، ۽ ميرصاحبن کان حڪم وٺي سندن حڪمن تي (صه) جي نشاني ۽ مهر هڻائيندا هوا. بعضي بعضي ڪچهري پيشن جو ٻڌندي هٿي. سيڪنهن ميرصاحب جي جدا جدا ڪچهري ٿيندي هٿي. ميرصاحبن جي

حڪومت ۽ ڪاروبار ۾ گھٽو ڪٽراڳ ڪونہ ھو، ۽ نڪي
ڪي جدا جدا ڪارخانا ھوا. ڇڙياري ھوندي ميرن جي
جو برابر جدا ڪارخانو ھو، ۽ ھڪڙي ھڪڙي جو ڪم
گھٽن کان ۾ وراھيل ڪونہ ھو. اُنھن ڏينھن ۾، ۽ ٻڌ
ميرن ڪرمعلي خان ۽ ميرن مرادعلي خان جي ڀيڙيءَ ڪي
درميان پرڳڻا ھا، جنھنمان مڙيني ميرن صاحبن جو ڳڏ يل
خرچ ٿيندو ھو. اِنھيءَ درميان جو ديوان ولبداس
ھو، ۽ منشي صاحب جو ٻيو ديوان صاحبراءِ ٻڌي ڳڏ ديوان
ھوا، ۽ منشي صاحب پنھنجي ٻيءِ جي غيرحاضريءَ ۾
ديوان ولبداس سان ڪم ڪندو ھو. ميرن نورمحمدخان ۽
ميرن صبرخان کي عام خزانو ھوندو، جنھنمان خرچ لڏي ڏڌي
کان پوءِ باقي بچت کني ڪري رکندا ھوا. ميرن
ڪرمعلي خان ۽ ميرن مرادعلي خان جو خزانو ٻہ رڳو انھن ٻن
ميرن جي ھٿ چڙھيو. ميرن ميرمحمدخان وٽ گھٽي
مالي ڪانہ ھئي. ميرن صوبدارخان جا پرڳڻا ٻن حصن ۾
وراھيل ھوا: ھڪڙنجي پيدائش رڳو خزاني ۾ ميڙڻ لاءِ
رکبي ھئي، ۽ ٻين جي تعلقن جي خرچ ۾ ايندي ھئي.
ھڪڙي، ھڪڙي حصي جي ڪاروبار ۽ بندوبست رکڻ
لاءِ جدا جدا ديوان، مختيارڪار، ڪاردار، ۽ محرر مقرر
ھوا. ميرن صوبدار جا ٻہ مدارالمھام ھوا: ھڪڙو جمعدار
ڪوڙو، ٻيو منشي صاحب پاڻ، جو سڏ ٻوٽي "منشي" ھو.
جمعدار ڪوڙو اَصل ٽوشاخاني جي جڳھن جو جمعدار
ھو، پوءِ سگھوٽي چڙھي ميرن صاحب جو خاص مقرب ٿيو،

جنهن وٽ ڏاڍي عزت هيس. خزاني جي برڳڻن جو
ڪم هلائيندو هو، ٽنهنڪري سرڪاري لکپڙه سمورِي
مان ڪندو هوس. منهنجو پگهار ٥٠٠ رپين ٿاءِ هو.
جمعدار ڪوڙي جو ٨٠٠ ٿاءِ. جمعدار ڪوڙي وٽ ديوان
ڪوڙو مل هو، جو خزاني جي تعلقن جي لکپڙه ڪندو
هو. ديوانن جو ڪم آهڙو هوندو هو جهڙو هينئر دفترن
جو آهي. مهرر حسابي ڪم ڪندا هوا. مير صاحب وٽ
هڪڙو مختيارڪار دروازو هوندو هو جو ديوانن ۽ تعلقن
جي ڪاردارن، مهررن ۽ ٻين سرڪاري نوڪرن جي
مٿان هوندو هو. مختيارڪار جو پگهار سؤ کان وٺي ٢ سون
ٿاءِ هوندو هو، ڪاردارن جو ٣٠ کان ست ٿاءِ. چپوترائيءِ
جو ٦٠-٧٠، ۽ ڇؤڪيدار پٽيوالي جو ٣-٤ روپيا هوندو
هو. مير ڪرمعلي خان ۽ مير مراد علي خان جي ڏينهن
۾ منشيءِ ۽ ديوان جو پگهار درماهو سؤ کان مٿي نه هو،
پر ٽنهنڪانسواءِ جو ماهيون ۽ ورهوڻ (يعني ڏهاڙي آڻو،
گه، چانور، مڪدو) ۽ لباتا ۽ ٻيو گهٽوٽي بخشش طور ملندو
هون. مهررن جو پگهار ٦-٧ روپيه درمهنو هو، ۽ ٻي
ب ڪيتري حاصلات هين. آنبار دار پرڳڻي مان ايندو هو تہ
حساب لاهيندي ٦٠-٧٠، بعضي ١٠٠ روپيه ٻهڪڙي هڪڙي
ڪي ملندا هوا. آهڙيطرح جڏي جڏي جي پيدائش پگهار ڪانسواءِ
سال ۾ ٢٠٠-٣٠٠ روپيه هوندي هئي. ورهوڻ، ڇهماهيوڻ،
وغيره اڳي ميرن جي خاص نوڪرن کي ملندا هيوڻ،
جهڙي طرح منشي، ديوان ۽ خدمتگار. جڏهين چار ميرِ

کڏ جي حڪومت کي لڳا تڏهين سراڻو ٽاياڏ ڀيڙو ٿا پگهار ٿيا. جنسن ۽ حياڻيءَ لاءِ ضروري شين جا اگهه، جنجو هيٺ ذکر ٿيندو، سي جيڪڏهين سار با ڻ مڙيان پگهار ورهن، ڇهه ماهين، وغيره جي اپراسي سميت کي کهٽ کين ليکبا.

آغا اسماعيل شاه جنهنجو اڳي ٻ ذکر ٿيل آهي تنهنجو ڻ پگهار هڪ هزار ٻڌل هو. هنجو ڏاڏو عبدالهادي کلهوڙن جي ڏينهن ۾ ايران کان آيل هو. سندس پٽ اسماعيل شاه هو. اهي مڙيٽي بادشاهي حڪيم ۽ طبيب هوا. آغا اسماعيل شاه ڻ قدرت جهڙو هو. هنجي ڏاڏي آبرو هٿي. سندس پٽ ٽڪي شاه شڪارپور جو نواب هو. سندس پگهار ٣٠٠-٤٠٠ روپيه هو.

انين ڻ سمجهڻ گهر جي ڻ پگهار هميشه پوري وقت تي ملندا هوا. ميرڪرمعلي خان ۽ مراد علي خان جي ڏينهن ۾ برابر مهني سر مهني ملندا هوا. ٻ چوڻاريءَ جي ڏينهن ۾ رڳو ميرنور محمد خان پوري وقت تي ڏيندو هو، بين وٽ پگهارن جا ڏاڏا رولا هوندا هوا. ٣-٤-٥ مهني مند تي ڏيندا هوا. ميرصاحب چئين تي صحيح جو ڀهرين اکر "ص" وجهندو هو، پوءِ اهي ڪٽي ويندا هوا ٽهويلدار (خزانچيءَ) وٽ، سيڏي لاءِ ميرجي موديءَ وٽ، جنهنکي پگهار ملندو هو، ۽ ڏاڏي کمائي هوندي هيس. شهر جي نگهباني چبوتراني (فوجدار) کي سؤنپيل هئي. وٽس ١٠٠ کن

چوڪيدار هوا جن کي جاڳا سڏ ٻو هو. اُهي سڄي رات
ڦيرو ڏيندا هوا. "خبردار، خبردار" پيا پڪاريندا هوا.
چوڻائيءَ کي نياءَ ڪرڻ جي بہ اختياري مليل هئي.
کو بہ تڪرار فساد ٿيندو هو تہ وڻس ويندا هوا. دريافت
بعد تهمتيءَ کي ڏوهہ موافق هٿوراڙيون وڇندو يا ڏنڊ
ڪندو هو، يا ڪاٽ ۽ وڇندو هو، ۽ چور کي قيد.
بندوبخاني ۽ سرڪاري قوت ملندو هو، خوني واسطي
قاسي ٺهرايل هئي، پر اِلهي جي نہ چوڻائي، نہ
کاردارن کي اختياري هئي. خونيءَ کي سڏو ميرصاحب
وٽ موڪليندا هوا جو پاڻ قاسيءَ جو حڪم ڏيندو هو.

چورن جُون هٿ پير ٻانهون، يا ٽنگون هٿي پٽيءَ
کين ڪپيندا هوا، باقي نواب ولي محمد جو چانڊ ڪائي
(لاڙڪاڻو ۽ آس پاس وارا تعلقا) ۽ ميرڪرمعلي خان ۽
ميرمراد علي خان جي پاوان هو جنهنکي قاسي ڏيڻ اختياري
مليل هئي، سو چور ۽ سرڪاري مال ۽ خيانت ڪندڙ
جا هٿ يا پير يا چپ يا نڪ ڪپائي ڇڏيندو هو، پر
پيو هرگز نہ. خُون ٿيندو هو تہ فوتيءَ جا مائٽ جي
خون جو عيوضو ڇڪيندا هوا تہ ميرصاحب خونيءَ کي
قاسي چاڙهيندا هوا، پر جي ٻُڌي ڏيُون پاڻ ۽ رضانامو
ڪنديُون هيُون تہ ميرصاحب وڏيڪ پيچا نہ ڪندا هوا،
جهڙي طرح منشي صاحب جي ڳالهہ آهي تہ منهنجي در
لي هڪڙو پروچ رات جو دري پائي پٺيان سمهيو پيو
هوندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪ پانڻ صورت سنگ جي

گھٹيءِ چريو ٿي اگھاڙي تراڙ ڪڻي رات جي ڪم هٿ جي
ڀاڻي آڇي ڪانئس در ڪولايون ۽ در کلڻ شرط بروچ کي
اُڪٽ ماري وڏائين. صبوح جو ٻانهڙ جا مائٽ آڇي
مونکي چنبڙيا چي هوُ چريو هو؛ آسانکي بخشائي ڏني.
مُون ميرصاحبن سان وڃي ڳالهه چوري، ۽ بروچ ڏي
مائٽن کي ٻڌي ۽ روپيه ڏياري راضي ڪري موڪليم.
قصو پُورو ٿي ويو. اهڙي طرح ٻين جي نسبت ۾ ائين
پئسا ڏيئي پُورائي ڪندا هوا، بعضي ڪوڙي خُوبيءِ
جي ڏاڍي مٿو ڪُوڙائي گڏه ٿي چاڙهي بزار مان لنگهائي
ڇڏڻو ڪندا هوس، ۽ پوءِ خُون ٽيل جي مائٽن کان
معافي ونائيندا هوس. خُوبي گم ٿي ويندو هو ته آڇي
ڪنهن ويڇهي مائٽ کي ڪاهي ٿي کونه چاڙهيندا هوا.
اهڙو خيال ٿي کونه هون. عالمن چيو آهي ته "برادر
به جوم برادر مگير، ڪ بس فرق باشد ز خُون تابشير."
عدل انصاف جي بجا آوري اڪثر ڇگي طرح
ٿيندي هئي، پر ڪڏهين ڪڏهين خوشامندين ۽
پاسدارين نه هلنديون هيون. جيڪڏهين کو ماڻهو
چبوتراڻيءِ کي چوائي موڪليندو هو ته چشمپوشي ڪري
ڇڏيندو هو. چبوتراڻي ڪنهنسان ظلم ڪندو هو ته ميو
صاحب ٿاڻه ٻه ڳالهه ويندي هئي، جيئن هتي اپيلون
ٿيندي هُون آهن، پر فرياديءِ سڌو ميرصاحب ٿاڻه کين
وڃي سگهندو هو؛ فقط سند س عزيز خوهيش کو
ميرصاحب وٽ ڪاموڙو هوندو هو ته اهو هنجي پاران

ميرَ وت دانهن ٿيندو هو. چمڙائيءَ کي ميرَ صاحب مقرر ڪندا هوا. هنکي ڪاردارن جهڙو وڏو عهدو ۽ اُنهن جهڙو ڪري سمجهندا هوس. چٽي ميرَ صاحبن جو هڪڙو چمڙائي هُوندو هو ۽ فريادي اُپيل اُنهي وٽ ڪٽي ويندو هو، جنهن وٽ سندس عزيز خويش هوندو هو ۽ پائيندو هو تہ وٺس منهنجو داد ٿيندو. فوجداري ڪمائين هلندو هو ۽ ميرَ صاحب اُنهي ۾ پاسخاطري ڪائہ ڪندا هوا. جاڪاڙ تہ پاڻ حاڪم هوا. پر پوءِ بہ مسلماني بادشاهي هئي، ۽ بعضي ظلم ٿيندو هو تہ عجب ڪوبہ لڳندو هو، ۽ ديواني ڪمالاءِ نڪا عدالت هئي، نہ ڪو ڪو منصف ئي هو. هندو پائيبندن جا معاملا مڪي صاحب ۽ عاملن جا وڏا بينل ڪامورا فيصل ڪندا هوا. جيڪڏهين ڪنهن هندو ۽ مسلمان جو پاڻ ۾ ڪرار جاڳندو هو تہ هندو پنهنجي ڏرمپائي ۽ مسلمان پنهنجي هم دين ڪامورن وٽ دانهہ ڪٽي ويندو هو. جيڪڏهين ڪامورا فيصل ڪري نہ سگهندا هوا تہ پوءِ ميرَ صاحب نياءُ ڪندو هو.

اُنهن ڏينهن ۾ هندن جا ڏيوالا گهٽا نڪرندا هوا، ۽ اهڙي وقت مڪي نادار جي ملڪيت ضبط ڪري ۽ وڪٽي جيترو ڇڏندو هو اُنهي موافق ڏيارينڊو هو. ملڪيت ضبط ڪري سگهندو هو. عدل انصاف جي ڪارسازي شهر ۾ اُنهيءَ دستور ٿيندي هئي. ٻهراڙيءَ ۾ هر هڪ پرڳٽي ۾ ڪاردار هُوندو هو جنهنکي هينٽر وڪي مختيارڪار ڪان بہ وڏيڪ اختياري مليل هئي، ۽

رولیو (ملکي) خواه عدالتي (جنهن ۾ فوجداري ۽ ديواني بڌي ڪم اچي ويندا هوا)، بلڪ ڪاڏي جو ڪم ڪندو هو، فقط شرعي ڪم لاءِ قاضيءَ کي گهرائيندو هو.

ميرصاحبن وٽ ۶۰-۷۰ هزار لشکر هو. هڪڙي هڪڙي سردار وٽ ۲۰۰-۳۰۰ ماڻهو هوندا هوا، ۽ سينيکي جاگيرون ملهيل هيون، جنهان پنهنجن ماڻهنکي گذران واسطي وجه ڏيندا هوا. ڪن ڪن کي ته وري ڇهه ماهيون ۽ پگهار به ملندا هوا، جنهان حصو پنهنجي لشکر کي ڏيندا هوا. سردار سڀ بروچ هوا. پهرين ميرن پنهنجا سردار موڪلي ٻاهول پور پاسي داد پوڻ ۽ ڪچ جي ملڪ مان اسلام ڪوٽ ۽ مٽي هٿ ڪيا. پاڻ ألهن لڙاين ۾ ڪين چڙهيا. ميرصاحبن جي لشکر کي قواعد جي سکيا ڪانه ملندي هئي، لکو ڪو هو پنهنجن سپاهين کان ٻيو پوهيوٽي ونندا هوا. سندن توبخانو هٿي چاڙهيءَ هيٺ رکيل هو، پر ڳچل ٽٽل ۽ ڪنهن به ڪار جو نه هو، پر ميرشيرمحمد خان جو ڇڳي حال ۾ هو.

ميرن جو ملڪ ۴۰ لکين جو هوندو. هيتري قصي مان سمجهيو هوندو ته سچيءَ سنڌ جي بادشاهي ميرن جي صاحبيءَ جي شروع کان ٽن ڀاڱن ۾ وراهيل هئي. ميرفتح علي خان جڏهين سنڌ ۾ حڪومت هلائيندو هو تڏهين خيرپور جو والي ميرسهراب خان (ميررستم خان جو پيءُ) هو، ۽ ميرپورخاص ۾ وري ميرنارو خان ميرشيرمحمد خان جو ڏاڏو حڪمراڻي ڪندو هو،

لنهنڪري حيدرآباد جي ميرن جي گهٽي پڌائش ڪائر هئي. آڳي ذڪر ٿيل آهي تہ ميرصاحب اصل خراسان جا خراجي هوا، ۽ سال سال اوڏانهن ويل پهچائيندا هوا. هڪ پيري چيل آهي تہ ديوان گدومل ملڪاڻي ميرن جي ياران خراسان ڏانهن جواهر نسان پريل ڏيڻون خراج طور ڪڍي ويو. جڏهين شاهي دربار ۾ ڪوليائون تہ جا ڏسن تہ مڙيئي ڏوڙ سان پريون پيئون آهن. سيئي ٽپوس ۾ پڄي ويا، ۽ ديوان کي به حڪراني ڪڍي ويئي، ۽ پاڻ کين هارايائين، ترس عقل سان بادشاه کي سجدو ڪري عرض ڪيائين تہ جيڏندا قبلا، سائين وٽ دولت ۽ جواهرات جي ڪمي ڪانهي، نڪا ڪا سائين کي اُنهنجي پرواه آهي. سنڌ ۾ پير صاحب بلڪل گهٽا آهن تنجي خاڪ جا ميرصاحب جواهر نڪان وڌيڪ قيمتي ٿا سمجهن سا پيش ڪري دعا گهري اُن تہ حضور جنجي اقبال جو ستارو هميشه قائم هجي. بادشاه انهي تي بلڪل برسن ٿيو، ۽ ديوان گدومل جي پت رهجي آئي، ۽ ميرصاحبن وٽان اُهڙي حڪمت ۽ حاضر جوابي لاءِ آفرين نامو ملييس.

ڏل هن طرح وصول ٿيندي هئي. ڪي محصولي پوکون هونديون هيون جتان ٢٠ روپيي، ۴ روپيي يا ٨ روپيي جريب وٺندا هوا. بين پوکن تي وري ڪاردار ۽ بٽيدار بٽي ڪندا هوا. آبادي جي اُپت ڪانسواءِ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گهر گهر تي پيشڪش به ٺهرايل هئي جا

ڪلهوڙن جي ڏينهن کان هلندڙ هئي. سال ۾ هڪ ڏيڍ يا ڪٽي ڪ به روپيا به بدل هوا. شهر واسطي هڪڙو مقرر مقرر هوندو هو جنهن وٽ ديل آڳاڙ لاءِ پيادا هوندا هوا، جنکي گهر گهر تان پئسو ڪو ونائي ڏيندا هوا ۽ سرڪار مان به پگهار ملندو هون. ٻيو شراب تي محصول هوندو هو جو ڪلالن ۽ ٻيا ٻيءِ تان پنهنجو شراب ڪڍائيندڙ تنکان آني آڳاڙيندا هوا. ڪپڙي تي ٻين جنسن تي به محصول هوندو هو، جو پائي عالمچند ميريءِ منجهه سواءِ تي ويهي آڳاڙيندڙ هو، پر محصولي پئدائش جو وڏو حصو آفيم مان هو، جنهنتي تمام گران محصول وکيل هو. محصول سامان جي آمدنيءِ تي وڃڻ ۽ وصول ٿيندا هوا. ڏلن ۽ محصولن کانسواءِ پڻ ميو صاحبن کي بعضي بعضي پي به اُپٽ ٿيندي هئي. جڏهين سون سهانگو هوندو هو تڏهين پاڻوٽ خريد ڪري رکندا هوا. پوءِ وري جڏهين مهانگو ٿيندو هو تڏهين فائدي تي نيڪال کندا هوا، سو انهي ڪري جو خزانو سندن وياج نه کائڻ ڪري آجايو پيو هوندو هو.

۷- واپار، ۽ جنسن جا اگهه.

واپار ۾ ڏينهن ۾ ڪپڙن، پشمينن، اُن ۽ جنس جو ڪچ، جيسلمير، جوڌپور، بهاولپور، ملتان ۽ خراسان سان جاري هو. ميٽ جو رڳو حيدرآباد ۾ ٿيندو هو سو پنجاب، ملتان لاءِ ويندو هو. جيسلمير ۽ جوڌپور کان آفيم اُٺن جا اُٺ قافلن ۾ پر جي ايندو هو، ۽ ڪراچيءِ کان

بمبئيءَ ڏانھن روانو ٿيندو ھو. ڪراچيءَ ۾ اُنتي محصول اڳرَندو ھو. بمبئيءَ ڏانھن اُنھن ڏينھن ۾ گھٽي آمدرفت ڪانڌ ھٽي. سون ڪيڏ ڪان ايندو ھو. چاندي ٻين شين سان گڏ واپاري موڪليندا ھوا، يا جَڙھي پاڻسان ڪٽي ايندا ھوا، جنھنڪري عيوض وري ٻيا وڏا وڻي ويندا ھوا.

سڪو سون، چانديءَ ۽ ٽامي جو ھلندو ھو. مھرُون نڇ سون جـوُن ٽھيل ھوُندا ھيوُن، ھڪ ھڪ جي ۱۰½-۱۱ ماسا تورِ ھوُندي ھٽي، پر ھتي ڪيرِ ٽھندا ھيوُن. مٿن اَحمدشاھ جو نالو ٽپيل ھو.

پوين ڏينھن ۾ ميرِ نصير خان کوٽيوُن مھرُون، يعني روپ گڏيل ٽھرايوُن، جنھنمان پانڇي ٽوڙ سون جو سڪو ٻ ڪو وقت اَڳي ھتي ٽيار ٿيندو ھو. حيدرآباد ۾ ضربخانو ھو جتي ڪوريءَ چانديءَ جوُن ٽي پتيوُن ۽ ٽامي جي ھڪڙي گڏ رجائي نـوُنت جيڏيوُن لنيوُن ڪندا ھـوا، جنڪي پيڇي ٽڪر ٽڪر ڪري ۽ گھڙي پائين وَبالا جي وچ ۾ سڪو ھڻندا ھوا. اِھو ڪم بعضي اَماني طور ھلندو ھـو ۽ بعضي مقاطعي لـي ڏيندا ھـوا. سڪو ليموُرشاھ جي نـالـي ھـو، مـيـرِ صاحبن جـي نـالي ٽـي ڪوڙ ھـو. روپئي ۾ ۹ مـاسا چانـديءَ جـا ۽ ۳ ماسا ٽامي جا ھوا ۽ روپيہ جـا ۲۲ ٽڪا ملندا ھـوا. ٽٽي ۾ ٻ سڪو لڳندو ھو، ۽ ٽٽي روپيہ ۾ رڳي خالص چاندي ھٽي ۽ ھتي جي روپيہ کان قيمت ۾ سوائوڙو يا ڏيڍوڙو ھو. اِھا ضرب ٻـ بادشاھ جـي نالي ھٽي. اَڳي پٽسي جي تور

انکل هک تولو هٿي. ٽکو ٺهندڙي کوڙ هو. ڏهڙئون ۽ کسيرا کوڏين ۾ حساب ڪندا هوا. هٿي جي روپين کانسواءِ ٻين قسمن جا روپيا ٻاهران ايندا هوا جنڪي قيمت وري ٻڌجي هٿي.

منشي صاحب ميرنجي صاحبيءَ ۾ جنسن جا اڳهه هيءَ ٿو ٻڌائي: گيهه ڏهيني ۲۰ روپيه من، ڪڪ ۱½-۱½ روپيه من، چانور اڇا ۲ روپيه کان ۳½ ٽاڪ، ۽ ڳاڙها هڪ روپيه من، تيل ڄاڻي جو ۴ کان ۶ ٽاڪ هوندو هو. ڳالهه ٿوڪري ته هڪڙي دفعي ڪاري جوار فصل ٿيو جو جوڙ جو اڳهه لهي اڇي ۲-۳ روپيه خرار ٻيٺو. ماڻهو کوڙ ليي جو خريد ڪري. ميرصاحبن جا اڻ جيڪي ٻڪٽن ۾ ٿيندا هوا تنڇيون ٻعيون (اڻ جو سوڏو) ديوان جهوڙومل ۽ سنگت راءِ ۽ ٻيا ٻ ڪٽندا هوا. اُنهنکي جمعي ديوان ڪري سڏيندا هوا، ۽ ميرصاحبن وٽ، خصوص ميرڪرمعلي خان ۽ ميرمراد علي خان وٽ ڪهڙي عزت هوندي هين. اُن جون پوڪون جي هٿ ٿين ٿيون سي سڀ ٿيندڙون هيون. ڪنڊ هٿي ڪاڻه نهندي هٿي. ڪماند مان فقط ڪڙ جوڙيندا هوا. ميون ۾ زيتون تمام ٿورا ٿيندا هوا. اُنهنجا وڻ رڳو ميرصاحبن جي باغن ۾ پوکيل هوا ۽ ميرصاحب پاڻ ڪاٽيندا هوا. هزار ۾ زيتون جي بانس ٻ ڪاڻ هوندي هئي. منشي صاحب ڳالهه ٿوڪري ته هڪڙي پيري خدمتگار ميرصاحب واسطي ويڻي زيتون چليو، ۽ ٻي ويڻي اُنڇيون

کاؤن کڏ کيؤن. پچيو مانس چي کاؤن جو ويڙو چؤندين؟ ورندي ڏاڍ ڏ زيتون آهي بهشت جو ميوه، ننهنجيؤن کاؤن بہ نہ جڏجن. نارنگيؤن لہ اَصل هتي کين ٽيندبؤن هيؤن، ۽ پهرياڻ پهرياڻ ميرنصير خان بمبئي کان اُنهن جؤن چکيؤن گهرايؤن. سياري جو سڪل ميوه جيڪو خراسان کان هينئر اُچيٽو سو نڏهين بہ ايندو هو.

۸- رعيت سان ورتاءِ ۽ سندن علم، خوراک، پوشاک ۽ شڪار.

ميرصاحب ملڪ جا حاڪم هوا. ننهنڪري سندن مذهب، تعليم ۽ بي خانگي رهت ۽ هلت چلت بابت ٿورو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي. ڏاڏي پوٽي مڙيئي مذهب جا سني هوا ميرنصيرخان کان سواءِ، جو شيعو هو، ۽ تابوت ۽ جهنڊا رکو اُهوئي کيندو هو. نماز ڏهاڙي، بلڪ جمع جي ڏينهن بہ سيڪو ميرصاحب پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي جدا کندو هو. سندن صاحبيءَ ۽ مسلمان هندن کي مذهب نسبت کين ستائيندا هوا، نڪو ڪو ميرصاحب پاڻئي کنهن طرح جو ظلم کندا هوا. ديوان گدومل (جنهنجي نالي گدواڻي گهٽي سڏبي آهي، ۽ نہ ٻيو گدومل جو ملکاڻي هو) کي جو مارايو هواڻ سو بہ خوف کان ۽ نہ سندن نياڻيءَ ڪري، جيڪن کن ماڻهن ۾ قهر آهي. ديوان گدومل ڏاڍو زور هوندو هو. خراسان جي بادشاه سان سڌي لکپڙه هوندي هيس. ننهنڪري ميرصاحب کيس

ڏاڍي عزت ڏيندا هوا ، بلڪ ميرڪرمعلي خان ۽ ميرمراد علي خان صاحبزادا سندس لائق ۽ لئي اينداوينداهوا. ميرغلام علي خان کي اڇي ڊپ ورتو تہ ملتان کيرائي ڇڏيئون ، تنهنکري هڪڙي ڏينهن پنهنجي خدمتگار نالي پلئي کي هنجي مارڻ جو حڪم ڏيئي پاڻ ويو شڪار تي ، ۽ پلئي گدومل کي بندين سان ماري وڌو ، پر اڻهي قصي جو مذهب سان لاڳاپو ذرو بہ کونہ هو. ميرصاحبن وٽ کي ملا ۽ قاضي بعضي بعضي گوڙ ڪري ايندا هوا تہ لاچار ڪٽي ڪنهنکي مسلمان ڪندا هوا ، ۽ اهو بہ سڀني کي معلوم آهي تہ ماڻهو " رسو " ۽ " رسوُل " لفظ وات مان ڪڍي ڪين سگهندا هوا. مٽيارن جا سيد زور هوُندا هوا ، پر ميرصوبدارخان اڻهنسان وڏي تعدي ڪئي ، ۽ بدرالدين پيرزادي کي ۴۰-۵۰ ماڻهن سان سري ۾ موڪليو تہ اهو ظلم وڃي بند ڪر.

ميرصاحبن کي نندي هوندي تعليم ايتري ملندي هئي جو سندن خليفا کين عربي ۽ قران پڙهڻ سيکاري پوء فارسي علم پڙهائيندا هـا. پنج سٽ ڪتاب جهڙو ڪريمان ، گلستان ، بوستان ۽ بهاردانش پڙهيا تہ پائيندا ها تہ سيڪي سکياسين. ملڪي انتظام بابت هنڪي تعليم ذري بہ ڪانہ ڏيارينداها ، نڪا ڪا هوُ لڙائي ۽ پهلواني ۽ جي ڪمن ڪرڻ واسطي استعمالي ونندا ها. ميرصاحبن جـي پوشاڪ جي تہ اوهانکي سڌ آهي.

اولهاري ۾ جاءِ لي رڳو سٽ ؛ پهرياڻ بدن لي پيو هوندو هون ، ؛ باهر ويندا ها ته لونگيءَ لي مٿان ٽرار بڌي ويندا ها . جڏهين ڪچهريءَ ۾ وهندا ها تڏهن جان تان مڪمل پوشاڪ پهريندا ها ، ؛ ٽرار ۽ ضرور بڌي ايندا هـا . سياري ۾ ڪوٽ ؛ لانبا ؛ نيرڳنا ڪندا ها ، ؛ خراسان کان دشالا گهرائيندا ها جنهن بلڪل گهڻي قيمت هوندي هئي . ڪي گرم ڪپڙا هتي ۽ جوڙائيندا ها . بيا ۽ ڪٿين قسمن جا پشمينا ونڻ هوندا ها . سيني جو ڪارخانو جدا هوندو هو . پٽ جو جدا ، ٻيءَ جو جدا ؛ ديري جو جدا . ڪائيندا پيئندا ۽ جدا ڏار بنگلن ۾ ها ، نقط شاديءَ ؛ غميءَ ۾ سندن کانوگڏ نهندو هو . ڏينهن جي مانيءَ ٻارهين ٻجي ؛ رات جي مانيءَ ڏيڻ ٻڻي کان اڳي کائيندا ها . لاشتو بلڪل کوڙ وٺندا هـا . سندن خوراڪ بڌڻ جهڙي آهي . منشي صاحب جو چوڻ آهي ته ميرصاحبن جا کائڻ سڀ خراسان مان پيدا ٿيا آهن . سندن بورچي سيکي جاڻندا ها . مرڻي کانوئي ويندي پلاءُ ؛ ڪبابن ٿاءِ . بورچي روز صبح جـو کاڻي جي نموني تيار ڪرڻ بابت پڇڻ ايندو هو . هن کي خشڪا ؛ ڪباب ، يا خشڪا ؛ ڪڙ جو بوڙ ، ڪڙ جو پلاءُ يا حلوائڻ يا ڪنهن ٻئي کاڻي جـي قسم تيار ڪرڻ لاءِ حڪم ملندو هو . ٻوءِ بورچي کاڻي جو خوڇو ڀائيندو هو ، جنهن ۾ اٽ ڏاکنڻا ؛ وڇڻ مانيون رکندو هو ، ؛ ميرصاحب جيڪي چيو هوندس سـو اڻن ڏاکنڻن ۾ اڳرو

رکندو هو. ٻين ٻاکنڙن ۾ وري پنهنجي دليان ٿاهيل طعام وڃهي ايندو هو. ميو صاحب جنهن کاني لاءِ پاڻ حڪم ڏنو هوندو تنهن مان گهٽو ۽ ٻين مان ٿورو ٿورو کائيندو هو. ميو صاحبن واسطي مرباٰ، آچار، ڏڏ، پلاءُ، کباب، ٻوڙ، کوفتا، سنبوسا ۽ ٻيا قسمين قسمين کانا تيار ٿيندا هوا. جڏهين ميو صاحب کائي اُٺندا ها تڏهين خوُمچا ڪڍي وڃي سندن خدمتگارن ۾ ورهائيندا ها. ديري ئي وري ڏار طعام جڙندا ها، جي ٻانهيوُن ٻڌائيندا هيوُن، ۽ بعضي بعضي کوڪو ٻاکڻون ٻورچين کي به تيار ڪرڻ لاءِ چوائي موڪليندا هيون. ميو صاحب نشو ڪنهن به قسم جو کوٺ ونندا ها. الهيءَ نسبت هوُ بلڪل پرهيزگار رهندا ها. هڪڙي هڪڙي وت به ٻي حڪيم هتي جا يا ٻاهريان هوندا ها، جي رگو يوُناني طب هلائيندا ها. ميو نصير خان جو خاص طبيب مولوي اَحمد علي ڏاڍو هوشيار ۽ وڏو حڪيم ٿي گذريو آهي. ميو صاحب جي فقط نبض صبوح جو ٽپاسڻ ايندو هو؛ پوءِ لسڻو ڪڍي پساريءَ کان شيءُ گهرائي معجون کارائيندو هوس. ميو صاحب ڪي پنهنجي طبيعت بابت پڇندو هوس، ڪي ڪي هوُٽي ٻڌائيندو هوس. هوُ خاص ميو صاحب لاءِ مقرر هو، ۽ کانئس انجام ورتو هواءِ ته ديري لاءِ به مونکي تڪليف کان ڏيندين. پاڻ لڏيان جو وينل هو، ۽ بادشاه شجاع اَلملڪ جو خراسان ۾ ديوان هو. شجاع اَلملڪ سان جنگ ٿي هٿي تڏهين هو سنڌ ۾ ٿي آيو هو.

ميو صاحب شڪار ۾ گھٽو ڪونہ ويندا ها. ٽنهن هوندي بہ سندن بيلا رکيل هوا جن ۾ سؤئر ۽ ڏاڙهي جو شڪار ڪندا ها. جهنگ جي ڪناري تي ڪڏهو جڙيل هوندو هو جو جهنگ کان ڪيترو مٿي ٽلهي تي هوندو هو. ٽلهي جي اڳيان جهنگ ۾ تلاءُ هوندو هو، ۽ ڪڏهي جي پٺ ۾ سٺ اٺ مارا (نديون گهرڪيون) هوندا ها. جهنگ ۾ ٻيو سڀ پاڻي بند ڪندا ها، ٽنهنڪري سڀ مرڙن ۽ ڏاڙها ايندا ها تلاءُ تي پاڻي پيئڻ ۽ ميو صاحب بہ اُلهيءَ دم مارن منجهان مٿن بندوقون ڇوڙيندا ها. ڏاڙهن کي حلال ڪندا ها، باقي سؤئر شڪارين کي ڪٽي ڏيندا ها. ميو صاحب شڪار لاءِ ڪڏهن ۾ ڪين ترسي وهندا هوا، پر سندن سائبان ۽ ٽنبوُ ڪڏهن جي ڀر ۾ هوندا ها، ۽ ٻانهن ۾ نوڙي ٻڌي پيئي هوندي هين جا ڪڏهي ٽاءِ ڦهڪندي هئي. اُلي شڪاري اُڪيون پائي ويٺو هوندو هو. اُجان کو مرڙن يا ڏاڙهو پاڻي پيئڻ آيو تہ هُو نوڙيءَ کي چڪ ڏيندو هو تہ ميو صاحب آهستي آهستي ٻيرين اُگهاڙو ۽ ڪنهن آواز يا ڦڙ ڦڙ بنا اچي گهرڪيءَ کان بندوق چوڙيندو هو. شڪار گهٽو ڪري وڃن سگهن وارن ڏاڙهن ۽ قدآورن سؤئرن جو ڪندا ها، ۽ نديون کي چڏي ڏيندا ها، بعضي جي شڪار هٽ ڪونہ لڳندو هون تہ نديون کي بہ ماريندا ها، سو جڏهين لاڙ توڙي سري ۾ هوندا ها. اِهو هوندو هو اوُنهاري جو شڪار. منشي صاحب چريٽو تہ مون کي ميو صوبدار خان شڪار ڏيڪارڻ واسطي

ساڻ ولي ويندو هو، سو اِهو منهنجو ڏنل آهي. سياري
۽ گهٽو ڪري جبان ۽ هرڻ جو شڪار ڪندا ها، سو هن
طرح ٿيندو هو. اوڀي هرڻ کي ڏسندا ها تہ اُنجي پٺيان
ٻئي ڊوڙائي ڊوڙائي ٽڪائي ڇڏيندا هئس، ۽ جڏهين
اُڪجي ليٽي پوندو هو تڏهين ويندا ها ميو صاحب
وٽ تہ سائين، هلو هلي شڪار ڪريو. ميو نصير خان وري
ٻنهنجو ڏون لمونو شڪار جو ڪيو، جنهن لاء سادي
سٽي جون ٽلهيون جاريون اٽڪل ۹ يا ۱۰ فوٽ وڪريون
جبل جي چوڌاري ڪٽي هڪائيندو هو. پوء اوڀي هرڻ
جي پٺيان ٻڌي ٻڌي قناعتن ۾ ڪري هڪندو هون، ۽ جڏهين
ميو جي ڪڏي وٽان لنگهندا ها تڏهين شڪار ٿيندا ها.


ميو نصير خان کي بين ميون کان البت وڌيڪ
حرص هوندو هو. هو مسخرا رکندو هو، ۽ راڳ گاني جو
ڀڻ ڏاڍو شائق هو، ۽ پاڻ راڳ ڏاڍو سمجهندو هو. وٽس
هندوستان جا ڪلونت ايندا هوا جنکي چگو ورسائيندو
هو. هزار روپيه تاءِ ٻڌو هوندا. بعضي لاچ ڪرائيندو
هو. وندرائڻ لاء اکثر چوٽ ڪندو هو، ۽ ميو محمد خان
تہ شطرنج ٻ ڪندو هو. (۽ منشي صاحب کي اهي ٻئي
راندیون ايندیون آهن، ۽ ڳالهہ ٿو ڪري) تہ ميو
صاحبن وٽ هڪڙو اَندو هوندو هو سو تہ اِنصاف ڪري
چڪندو هو. جڏهين ساريون صف ڪري رکندا هوا تہ
پهراياڻ ٻڌي کي چوائيندو، ۽ پنهنجيءَ ساريءَ چوٽ جو
ٻچي ساريءَ چوٽ جو ڏس ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هو
سڀکا راند کٽي ويندو هو.

شادي ۽ ڪوڙي غميءَ سبب ميرن پنهنجن صاحبن (بيبين) سميت اڇي ڪنا ٽيندا هوا. ميرن کي جدا جدا بنگلا ۽ بيبين کي جدا. ڪانو سيڪنهن کي پنهنجي ۽ جاءِ لي ڀڇندو هو. غميءَ ۾ فوتيءَ جون ٻئي ويڇيون عزيز بيبيون ۳ ڏينهن روزو رکنديون هيون ۽ فقط سانجهن جو مٺون جي دال ۽ ماني کائيندیون هيون ۽ ٻوءِ چاليهارو ڏينهن ٻئو تاءِ سادو کائيندیون هيون. باهر يان ماڻهو جي ايندا هوا سي ۷-۸ ڏينهن ڪي هليا ويندا هوا. مرد روز صبوح ۽ سانجهن جو گڏ ٽيندا هوا. ميرصاحب پاڻ سائي پوشاڪ ۽ بيبيون ۽ خدمتگار نيرا ڪپڙا ڍڪيندا هوا. بيبيون صبوح جو کائڻ بعد ڪنيون ٽيندیون هيون. هڪڙي لنگهي دهل ڳچيءَ ۾ وجهي اڇي منجهن وڃائيندي هئي، جنهنتي بيبيون کنديون هيون پڻ ۽ اوسارڻ شروع. آسانجي رسم ۾ انهن وٽان آئي، ۽ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان هلندڙ آهي. ٻئو ۳۰-۴۰ ڏينهن پوندو هو، ۽ جيئن آسان ۾ عذر لهندو آهي تئن هنن ۾ به وار ٽيندا هوا. ۳-۶-۱۲ مهني کانپوءِ لهندا هوا. انهن ڏينهن ۾ وري به بيبيون اڇي ڪڍ ٽيندیون هيون.


ديري تي اندر رڳو ناظر ۽ بانهيون ويندیون هيون، ۽ ٻاڪ يا ٻيءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن ڏور عزيز کي وڃڻ جو حڪم نه هو. بيبيون ٻيڪي ڪوڙي ٻئي هنڌ ويڇهو يا ڏور جيڏانهن ڪرندیون هيون ڏيڏانهن پوش وارن

ڪجاون ۾ چڙهي ويندءُون هيون ، ۽ ساڻ هڪڙي ٻه
ٻانهي يا خواجو ضرور ڪنڊ ءُون هيون ، پر سندن لڪ
گهٽو ڪونہ هو. اتفاق ڪم هاڻ تي ٿيندو هو. اسانجا
قبيلا وٽن ويندا هئا پر چاٽيءَ ڪرڻ واسطي ، پر پنڊ ويندا
هوا . بيبين جي پوشاڪ جي تہ اوهانکي خبر آهي تہ
سٽڻ ، پهريڻ ۽ ڪپڙا ڪيندءُون هيون ، ۽ باهر وڃي بدران
گهگهو ڪري نڪرندءُون هيون. سندن زيور هڪڙو
هڪڙو ۵۰ هزار ڪائي ويندو هو. ٿٻ هڪڙي باهر لاءِ
۽ ٻي گهر اندر پائڻ لاءِ هوندي هين. هڪڙي جي قيمت
۱۰-۱۵-۲۰ هزار هوندي هين. ٻي ساڌي آها ۽ ۴-۵ هزار
ڪائي ويندي هئي. ڳڻن بدران ڪنن ۾ شبڪيدار ٽڪين
سان پنڙا پائيندءُون هيون .

بيبي ڪا پڙهندي هئي تہ ٻانهي خليفي ڪان عربي
اکرن ۾ پر سندي ٻوليءَ ۾ سبق ونڊي وڃي بيبيءَ کي
ڏيندي هئي ، اهڙيءَ طرح ميرصوبدار خان جي ماءُ ۽
ٻيون سکيون . ميرنور محمد خان جا صاحب پڙهيل هوا ،
۽ ميرصوبدار خان جي ماءُ تہ ڪيس ڪلڪٽر ۾ خط پٽ
لکندي هئي .



میاٹی



THE HYDERABAD FORT, HYDERABAD, SIND

قلعہ حیدرآباد

ميانڊيءَ جي جنگ جو ٻيو احوال ٻڌڻ سوڏو.

جڏهين انگريزن پنهنجا ملڪ مان موت ڪاڏي تڏهين اڇي ميرن تي زور رکيائون ته اسان سان نئون عهد نامو ڪريو، ۽ ڪراچي ۽ ٻيا شهر اسانکي ڏيو، خراج ڀريو. ۽ اسانجي لشکر کي سنڌ مان لنگهڻ جو حق ڏيو نه ته هٿن جي صفائي ڏيکاريو. ميرن جاتو ته انگريزن سان اسانجي دال نه گرندي، تنهنڪري **آڏوڻرام** صاحب، جو سندن دوست هو تنهنکي عهد نامي تي صحيح ڏنائون. پر پروچ اچي مٽيا چي انهين کي انگريزن کي ملڪ ڏيو چا. ميرن خانگي طور **آڏوڻرام** کي چوائي مڪو ته تون پڇي پاسو ڪر، لشکر اسانکان نٿو پلجي، پر هن اشراف سمجهيو ته جي انهين کندس ته ضرور جنگ لڳندي، تنهن ڪري نه چريو. پروچن ۱۵ فبروري ۱۸۴۳ع جي صبوح جو درياه جي اورين ۽ يو جا **آڏوڻرام** جي چانوٽي هٽي، تنهن تي وڃي ڪاهيو. چٽن ڪلاڪن جي لڙائيءَ کان پوء **آڏوڻرام** جان بچائي پنهنجن بن جهازن سان اوپارو هليو ويو. ۽ **نيپئر** صاحب جي لشکر سان هالن ۾ وڃي گڏيو، ۽ احوال ڏنائينس.

۱۲ تاريخ جي رات جو سڪرنڊ وٽ **نيپئر** جي رسالي اڳيئي ميرن جو هڪ خط ڏري ذات جي سردار

حیات خان کان وات تي جهليو هو، جنهن ۾ لکيل هو ته پنهنجو سمورو لشکر وٹي ميانيءَ اچو. بوءِ ته جنگ جا کليا کلايا جهنڊا کڙا ٿيا.

تاريخ ۱۶ انگريزي جو ئيل ۲۲ سؤ لشکر ۽ ۱۵ تو پن سان مٹياريءَ آيو. رات جو خط پٽ لکي، ۽ جنتريءَ ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارن لاءِ پيغام اڻکائي باهر آيو، ۽ ستل چاوٹيءَ جي چڪاس وٹي وڃي سمهيو. اٺا ۱۲ بجي جي مهل هئي. ۳ بجي اٹيو، ۽ يڪدم ڪوچ جو حڪم ٹيو. لشکر سنبهي اڻي نڪتو. ڏينهن اپرائي لشکر ناشتو ورتو. ۸ بجي ڏاري جاسوسن کي پريان لشکر نظر آيو. نيپئر اتي ترسي دشمن جي چڪاس وٹڻ لڳو. چا تو ڏسي ته قليليءَ جي سکل پيٽ ۾ بروچ لٽل آهن، ۽ اڳيان مني مئل جي ويڪرائيءَ ۾ کليل ميدان آهي. دشمن جي ٻنهي پاسن کان گهاٹا ٻيلا آهن جي قليليءَ سان لڳا ٻيٹا آهن، ۽ اُنهن ۾ پٺ دشمن جو لشکر لکل آهي، ۽ ساڄي پاسي ڳوٹ به آهي. پوري خبر نٿي پئجي سگهي ته لشکر ڪيترو آهي؛ پر قليليءَ جي پوئين پر جو ميدان هو، جتي ميرن جي چاوٹي هئي، اُتان سڄ جي ترڪي پوڻ سان هزارين تراڙين جا جهلڪا پي نظر آيا ته ايتري ۾ انگريزي رسالا، پيادا، توپ گاڏيون ۽ اُٺ آسمان ۾ ڏڏڙ اڏائيندا اچي سهڙيا.

سامان سرو سيٻ پنهيان لهرائي اُٹن پهرو ٻهاري وڙهڻ جا سانباها ٹاڪن. دوربينيون رکي ڏاڻون ته قليليءَ جي

پيمت مان هزارين مٽا ۽ ٻاروٽ جوڙن ڏيڻ لڙڪندين نظر آهن. ٻيو ڏاڃ ۽ دشمن جي ڪهي طرف ٻيلي ۽ ميدان جي وچ هڪ وڏي ديوار آهي جنهن ۾ پوڙو وچني وچ تازو برگهل ڪيل آهي، ۽ ٻئي ڪنڊون جتي ٻيلا اچي قليليءَ سان ٻنهي پاسي لڳن ٿا آڻي دشمن جون ڇهه ٽوبون رکيل آهن. نيپئر ڪالڙ هو. سهي ڪياءِ ۽ اها ديوار ڏيکهي، پر اسانکي قاسائڻ لاءِ ٻوچن هڪ ڪوڙڪو مٺيو آهي. مطلب آڻن ۽ انگريز وڙهڻ لاءِ ميدان تان وڏي قليليءَ جي ڪپ ڏي ٿي ۽ اسين انهي ڪڍي مان نڪري اچي سندس لشڪر تي پٺيان وار ڪريون.

نيپئر ايترو ۾ چاڙ ۽ ٻنهي پاسي دشمن کي ٻيلا ڇاڙيو ٻيٺا آهن، ٽنهنڪري دوٻدو وڙهڻ ٻدران پي واه ڪانهي. جڏهين آڪل ڏيڍ هزار قدم دشمن کي اوڏو ٽيا ۽ اِتي نيپئر پنهنجي لشڪر کي ٽاهي ڀهاريو. پنهنجي ساڄي ٽوبخانو رکياءِ، ٽوبخاني جي ڪپي گورن جي پلٽڻ، ۽ اُنجي ڪپي وري ٻي ڏيهي پلٽڻين هڪٻئي جي پر ڀهارياءِ. پلٽڻين جي مٿ جيڪب رسالو ۽ پٺيانئن بنگال رسالو ٻيٺو. پوءِ گورن جي لشڪر مان ٿورا ماڻهو متئين ذکر ڪيل برگهل وٽ ڀهاري حڪم ڏاڻين ۽ سڀئي سر ڏجو، پر دشمن کي منجهاڻس لنگهڻ نه ڏجو. اِنهي ڳالهه تي پهرو رکي پاڻ جيڪب رسالو ۽ ٻيو مختصر لشڪر ساڻ ڪري اڳتي وڌيو، انهي مطلب تي ۽ هڪڙو ۽

دشمن کي خبر نہ رهي تہ مونسان لشکر کيترو آهي، ۽ ٻيو تہ پل پاڻ ۾ ڦليليءَ مان نڪري پڏري پٽ ٿين. چون ٿا تہ انگريزي رسالي جون تراڙيون ۽ پيادن جوڻ سنگينوڻ کل ۱۸۰۰ هيون، ۽ ميرن جو لشکر چوڻ ۾ ٿو اچي تہ ۳۰ هزار هو.


بروچن جي لشکر سان ميرَ نواب به ساڻ هوا، فقط **ميرصوبدار** جنگ تي کين چڙهيو هو، مگر سندس لشکر ويو هو. بروچ گهٽا گهوڙن تي ٻڌ سوار هوا. کين جنگ مهل جاهکيدار يا چڪمڪي بندوقون، باروت ۽ گولين لاءِ ڏيڻون، تراڙيون، ۽ ڍالون يا سپر ۽ ڪٽارون ۽ خنجر ۽ پالا هوا. ٻوٻن سان هين جنلاءِ خلاصا ڪل اَنداز هوا. پلاهن جون ڏيگيون ٻانهي ڏمڻون، پنڪوڻ پيَ گهوٽيوڻ ۽ آفيم پي گريا. بروچ تراڙ هٽ جا بهادر هوا، پر بي ڪجوڙا ۽ بي قواعد هوا. انگريزي لشکر ٽورو هو تہ به پوري تربيت سان هو. مورچا ٻڌي بيٺو هو. هڪڙي صف بندوقون چوڙي بين ٻڌ لاءِ هيٺ ڇڪي ٽي ويلي تہ ايتري ۾ جيڪا پنيائين صف هٿي ٽنهن ٽي "فائر" ڪيو. هاڻي وانگي وڻن ڪارئوس کين هوا. بروچن کي جئن آيو ٽي ٽئن ٽي ٽي ٻينا.

اَنگريزي رسالو ۽ ٽورو لشکر جو ڦليليءَ ڏي وڌي ويو هو ٽنهن ٽي وٽي بروچن بندوقن ۽ ٽوبن جي ٽڪا ٿوڪي لڳائي. پنيائين ۱۲ گورڇي پلٽڻ پي ويٽي. جڏهين ڦليليءَ کيَ ڏيڊ سَو قدم ويڇهو آٽي تہ اُنهن اڳين

ساٹھن پٹتي هڻي سندن لاءِ جاءِ ڪڍي. نيپئر جو اڳوان هون ٿھن حڪم ڏنو تہ ڪريو ڪاهڻ. اڪ چنبي ۾ سڀي پلٽڻ پوري قواعد ۾ هڪڙيءَ سٽ سان اڳي ٻڌ ٿي ڇڏي. بروچن ڪڍهين اهڙو حيرت جهڙو لڳو تہ ڏنو هوندو. رڳي قليليءَ جي پٺ ۾ ۲۰ هزار لشکر لڏو ٻيو هو. "ماروا ماروا" جي هڪل پڄي ويئي. بروچ تراڙين ۽ ڀالن سان جلهيو ڪري آيا. سڄو گهمرا ٻڌ تان ڏوڪيندا آيا، پر سڀ گهمرا گورن هٿائي ڇڏين. نيپئر جي هڪل ٻي ٻيٽي. چوڏاري گولين جا وسڪارا ٿي ٻيا. هي هانکو ٻيڙواهڻ ٿي آيو ويو. هڪ لڳا ايترا بروچ هلان ڪري آيا جو گورا هڻي پنتي ٿي ٽيا؛ پر جرنيل گهوڙي کي سوار و ڏاري "شابي شينهن! شابي!" ڪري منجهن ٽاپ ٽاپ ڪندو آيو. سندس منهن ڏسڻ ۽ ڪنهڪي مجال نہ ٿي جو پٺ ڏئي. ٻيا تہ چڏيو پر "بيوگل" وارو جو جرنيل جي ڪنڌ ڪ لڳہ هو تنهن ٽي گهمرا پلٽڻ کي پٺ ٽي هٽندو ڏسي ٽيٽي گهمرا ٻاڻ مراد و پڪاري چيو: "آگي چلو! آگي!"

گورنجي هڙي پهلوايءَ ڪانپوءَ ٽيٽي ڏيهي پلٽڻيون هڪ هڪ ٿي قليليءَ ڏي سربوڻن ۽ اُهي بہ بروچن سان جنبي ويڙون. انگريزي توپخانو جو گورنجي پلٽڻ جي ساڄي طرف هڪ دڙي ٿي بيٺل هو تنهن بروچن ۾ ڏايو مارو ڪيو. هڪڙا گولا قليليءَ ۾ دشمن جي وچ ۾ وڃي ڦاٽا ۽ ٻيا ڪيڙي طرف، جتي شڪارگاه ۾ اڙن

جنگ جو نقشو.



١. ميرن جي چانوڻي.
٢. ٻيلا (شڪارگاھ).
٣. ميرن جو مکيہ لشکر.
۴. ڪوٽ.
۵. ديوار.
٦. انگريزي توپخانو.
٧. ٢٢ آئرش گورنجي پلٽڻ.
٨. ٢۵ ڈيهي پلٽڻ.
٩. ١٢ ڈيهي پلٽڻ.
١٠. ٻهرين ڈيهي پلٽڻ.
١١. ٩ بنگال رسالو.
١٢. جيڪب رسالو.

منجھ بروچ چھ ماري ويڻا هوا ۽ مطلب هون تہ ديوار جي سوراخ مان نکري انگريزي فوج جي پنيان کاهي پوندا سين. نيپئر آني جا کمپني بهاري چڏي هڻي تنهن بيشڪ پاڻ موکيو. سندس مهندار مرڻ کي مري ويو، پر بروچن کي آتان لنگهڻ نہ ڏنائين.

هينئر تہ قليليءَ جي ساري کپ تي جڏ آڇي مٿي. ٻنهي طرفن جا ماڻهو اچي پاڻ ۾ سوڙها ٿيا، ۽ بهادري ڏيکارڻ ۾ گهٽايائون ٿي کين.

وقتي بروچن بندوقون چڏي تراز ٿي ڪئي. هڪ لڳ ٢٥ ڏيهي پلٽڻ جي کمانيءَ ڏنو تہ هاڻ بروچ منهنجن ماڻهن کي نهوڙي ڏانين، لڏهين گهوڙي کي آڙي هڻي کاهي پيو دشمن ۾. بروچ وکوڙي ويس، ۽ ليٽائي وڌائونس، پر دم ڏيڻ کان اڳ پاڻ سان سنگين سان ڏايا وارا کيائين. سندس سپاهي هي رنگ ڏسي مست ٿي ٻيڻا جڻ سندن سردار جو روح اچي منجهن پيو آهي. پيءِ پلٽڻ جي کمانيءَ ۾ اٽين کيو.

هي ڏسي گوريءِ پلٽڻ جي عملدار کي تہ جڻ نشو کڻي ويو. پريان هڪ زريدار سردار نظر آيس. سمجهياءِ تہ ميو آهي. گهوڙو کاهي اوڏانهن ويو، پر اهو تہ وات ئي ئي مارجي ويس. پوءِ تہ اچي پاڻ ۾ اڪيا ۽ تراز کيائون. شمشير بازيءَ ۾ بڻي استاد هوا. پر گوري هڻي ميو کي گهائي وڌو، ۽ **ميرجانمحمد** گهوڙي تان اچي هيٺ پيو.

جتي لڙائي سخت ٿي لڳي نيپئر اتي ٿي وڃو.
بہ بلوچي ڪيس مارڻ لاءِ انس هلان ڪري آيا. هڪ
لڳ مارسٽن صاحب جا، ۽ بئي لڳا گوري پلٽڻ جي
هڪ سارجنٽ جا هٿ پنس. هي ڏسي گوري پاڻ ونئي
تازيون وڃائون، تنهن ٿي نيپئر جي "بيوگل" واري
کي بہ نشو ونئي ويو سو وڃهڏيئي هٿ بندوق ۽ سنگين
ہ ڪاهي ويو مير وليمحمد خان ٿي، ۽ بنهي لشڪرن
جي ڏسندي هڪي ڪيس ليٽائي سندس تراڙ ۽ سپر ڪڍي آيو.
ٿي ڪلاڪ برابر جنگ هلي. اني نيپئر ڏنو ته هاڻ
دشمن جو زور اچي گهٽيو آهي. هاڻ رڌل هو دشمن
جي ڪنهي طرف، تنهنڪري جيڪب ۽ بنگال رسالن کي
ماڻهو ڏوڙايا ته ڪنهن بہ صورت دشمن جي ساڄي
طرف ڪاهي وڃون چيري پنيان وڃي ڪاهيون. بنگال
رسالي بانئو ۽ ٽوپون وڃي جهليون، ۽ جيڪب رسالي
وڃي ڇاوٽي جهلي. پوچن تڏهين بہ وڙهڻ سان ڪين
ڪهٽايو، ڏاڍي سوڙهيائي ڪري چڪا.
پوءِ نيٽ اچي منجهن اُڏائي ڏيئي، جو اڳيان ترڻي
پنيان انگريز وڙهي ويو هون. انگريزي توپخاني بہ
منجهن ڏاڍو مارو ڪيو. پوءِ باروت، جهنڊا، ۽ سڀ
اسباب سندن هٿ چڙهيو، ۽ انگريزن جي سرپ ٿي.
چوڻ ۾ اچيٿو ته سندن ۲۵۶ ماڻهو مڙا ۽ ڦٽيا، ۽ ميرن
جو ۵ هزار زبان ٿيو.

بيت

(آندي مگٹھار جي سرندي ٿي ڳايل.)

الله جل جلاله! ميڙن ٽيون ملڪن،
جنگيڙون جهيڙا جهگڑا ڪيا آڳ اميرن،
هيلوڪي هن جڳ جڙن ٿا شاعر سٻڙون ڪن:
"وڏيرن وڃائي آهي پنهنجي پاڻ هٿن!"
پلڪارڙون جو نيل جڙن پڙهڻا ٿا ٻوڙن.
نور محمد نروار ٿو ڪلڪتي کوڙائي؛
ورنه وڪيل پنهنجا پيو نندو حمال لنگهائي؛
پهيو پاڻجي سان نندو ڳالهه وڃيو ڳالهائي؛
ڪامپ وڃيو ڪوڙيءَ ۾ ٿو بنگلا خوب بنائي؛
وڃي بنگلا ورنه ويٺو ساري سنڌ چٽائي؛
درس پنهنجي درياه ۾ ٿو آڇوت آڻائي؛
"سورهيه! ٽڪا سنڌ جا مونکي پيسا ڏيو پڃائي!
سڪ نه ڪندو سنڌ ۾ تنهنجو عهدي اولو آهي."
منيان لڳي ميڙ کي ڪاوڙ قصد ڪمايا:

۱- مهربانيون ۲- هڪڙون ۳- سورهيه ۴- عهد نامو ڪندڙ ۵- حد ڪري ڇڪي.

"جنگ کريسوُن، ماڪ نہ ڏيسوُن، وائي ميرورايا."
سوُرهيه ميرِ شهداد کي ٿا خان خبرُون ڏين:
"اُٹو انگريز اهڙو جنهنسان هيٺي کوم هلائي؛
گهٽيوُن ولاڻوُن ورنيوُن فلنگيءَ ڏڪي ساڻ ڏاڻي!
سنڌ نہ ڏجو، سوُرهيه! پنهنجا مرڊ ڏجو ماراڻي."
لنهنتي مڙئي ميرن مصلحت کي صوُبا سپ سڏائي،
کاهي پيڙا ڪامپ ۾، غازين کين گهٽايو.
پڇائي اُترام کي غازين غوراب لڌايو.
اُترام پڇي آيو پيو پيڙان ۾ کاهي،
اَڇيو لنهن جو ليل کي ٿو ڳالهيوُن ٻڌائي:
"اُٺي، سوُرهيه، ساڃوئيءَ! لنهنجي ڪامپ لٽي آهي!"
زور منجهان جو ليل چڙهيو، شير وڏي سان شان.
اُٺ رستم ميرِ آيو چڏي محل مڪان،
آيو ميرِ لصيرِ وٽ ٻاڻوئي بحال،
لنهنکي ڏيوِ ۽ دلاسو ڏنو ته دلين ڪرار.
چارئي صاحب ڪوٽ ۾ ها شير وڏي سان شان!
چگي ڳٽياڻون ڪانڪا، ٽيا ذري منجهه زيان!
سڄ چوانءِ صوبدار ٿوڪي، چڙهيٿن کين، چموٽ!
دغا رکيءِ دلهه، ڏاڍو رکيءِ ڪوٽ،
پيڙهي پنهنجي پيءِ جي، پيو لڄايءِ ڪوٽ!

١- پاءِ وانگي ٢- سورهيه مڙس ٣- خراب، بيڙا.

هيڏالهن ميرِ اصيرِ هو مانجهي مرد مزار[٢]!
رضا جا رحمان جي، اچي قيد پيو سردار.
گهٽا ماريا ميرِ سان، نالا ڪريان چا نروار!
مڙڪي[٣] مري هليا، مستاني مروار،
ڪمال خان خان محمد ها جگر بر جانب يار،
فتح خان ماريو، نامڪنيو نروار،
گوهر خان ملهايا مڙيئي قول قرار،
الي[٤] گمن چاڪراٽي ماريو هو نامرڪنيو نروار،
پير ته پير شهر جو هو مانجهي مرد مزار،
فتح محمد سيد ني ليج وڏو هو تاءِ،
سيد وڏو هو اُڪاريءَ جو، ورنه سندو واه!
علي اڪبر سيد ماريو ته ڳوڙن[٥] هڏا ڳاه،
نامياوڙهيا ننگ ني، مر صدقي ٿيڙو ساه.
ميڻهن پاٽي پلٽا ڪري پيو اُتر ڪان اُچي،
گاجيوُن[٦] غلام شاه جوُن، ٿو نيزي سر نچي،
پڙ گهڙي ڪياءِ پدرو، من غلام شاه اچي.
غلام شاه شهاڻيءَ جي ڪندو ڪوڙ ڪچي،
ويري ڏسي وهسي گهٽو، وڃي تان نه وري.
پر لظاماڻي ننگ جا ڏٺي، ها پدرا پاڻارئي.
سوُ مواڻي هوا بر ساڻي، آڳ برندي آيا؛

١- بهادر ٢- بهادر ٣- اڳ پر ٽي ٤- بهادرن ٥- صف ٦- گجگوڙيون ٧- همراه.

جلهه ويلي جنگ جي نظامائي کوڙ کڏ ندا آيا.
[٢]کيهر کير کلام کيا، ميرجان محمد ملهايا!
[٣]عملو ميرجان محمد جو وڃي ڳريا،
جان محمد جوڻن کي ميرورنه کي وانگر،
نانا بندوڻن جا، هو نڏاڻه لوڻن جا ڏڏکر!
لڳا مت متن سين، شيهي کيا سنکر!
چانگ پروچ ماريا، پي پگي جهرکي جهر!
مراد علي شير جنگ تي آيو مڱ ۾ شير متير،
جلهه ويلي جنگ جي چانگن کوڻين بڏي کوڙ،
اني کوڙ کتياڻ ليکيا، ٿيا لسا لغاري،
ٽيو پر ڳڙبن مان کيڪي، ڏيون مڇي جي کاري،
پو کان سڀ پڇي ويا، ڏاڍي کياڻ خواري.
اڏو ملوهو مسيت ۾ لنهن سوڙهيه کئي جا ست،
"اعلي! اعلي!" کري اڏيو، ڏاه اڏي جو وس.
اها جنگ اني کڻيو، وري ٻيءَ جو سعيو کن.

ڏبي جي جنگ.

(تاريخن وٽ ڏبي جي لڙائي ميرشير محمد ميرپور خاص واري سان لڳي، جنهن ۾ ميرءَ شيدي هوشمحمد قنبراڻيءَ ڏاڍي سورهيائي ڏيکاري. هت قاعي ۾

١- بهادر ٢- شينهن ٣- لشکر جو پاڳو ٤- هڪل
٥- مغرل ٦- بهادر ٧- بهادري ٨- صف ٩- لڳڙا، ڍير

جا هڪ قبر آهي سا هوشمحمد جي آهي، جنهن لـوڪ سان وڙهندي سر ڏنو، ۽ سا قبر اڃي رکائي ويئي هئي پر ٿورن سالن کان ملڻري وارا کڻائي ويا آهن.)

جرنيل جوڏو جوان هو، کڻي منزل وڌاءِ،
سڻي شيرمحمد ميرجو وڃي ٽوڙون کنياءِ،
جنگ ناريجن شهر ۾ آڻي ڏناءِ.
مرد چڙهيؤ ٽي ميرپور کان ڪري گالهه گهي،[1]
باڪا[2] باشا شيرمحمد سان چڙهيا ڪُنگر[3] ڪهي،
اچي ڪُڙهن[4] ڪيڏارو[5] ڪيو ناريجن لهي،
شيرمحمد جبل هو ميرڏاڍو ڏُونگر ميرا!
ايندئي انگريز جا اچي ديگ ماري، کياءِ ديرا.
فيصل ڪيو فلنگيءَ جي ميرشيرمحمد آڃي،
آيس بادل بحر جا، کا مٿان رُکَ[6] رچي،[7]
لڙائي سوڙهيه شيرمحمد جي ڪندو ڪوڙ ڪچي.
آحدي پت عليمراد جو هو سدا سويارو،
هڻي ٽوهڪلوڻ ڪري "ماروڙي، ماروا!"
اُڏلائي انگريز جو وڏو شيرمحمد بارو،
رڳي، هليو رت سان قلياڻيءَ ڪپ سارو،
سر بچايائين پنهنجو، ميرهو سدا سويارو!
هلي هوشمحمد آيو، ڪري قنبراڻي[8] ڪاه،

١- ڳڻي ٢- بهادر ٣- بهادر ۴- جـوڏن ۵- جنگ
٦- تراربازي ٧- ٿهي ٨- ذات جو.

ايندي ب، اڙن[1] ۾ گهوٽ وڃايا ڏهاڙ،
قلوُبان ڪڙو ڪيو شيدي ۽ پنهنجو ساه،
سؤلشڪر سان شيدي ماريو ميار مٽس ناه،
سويوُن هٽ الله جي جنين ڏي ٿو شاه،
مرد مڙيائي ڪينڪي واه خانن جي واه!
(مولراج مهتي ڪين گهٽايو بينو مرد مڇي،
جنگ اڙايا ۽ ملتان، تنهنجي ڪندو ڪونہ ڪڇي.
مولراج ٿيو ملڪن ۾، مهتي موڪي سڀ ملهايا،
هي پلڪوُن مولراج جون ٿو آڻ حيدرآباد بڌايان.)
اِت لغارين اڙوُن چتايوُن، نوڙهي جا ڏس پوڪار!
اڳهه نواب نوڙهوُ ڀگو منهن سائو مردار،
نوڙها مڙيئي خوار ڪيا ۽ بيهوُدي بدڪار،
ڪوڏي ۽ ڪم نہ آيو ميو جا ڪاڏا ۽ لڪ هزار.
اَحمد خان لغاري ۽ جا پڇو نہ ڏيانو پار،
نہ نڪا مڇ منهن ۾ ڪو ڏاڙهي ۽ وار.
ڪوڙي عليمراد جا روه وڪاڙا بار،
ننگ جي پيس ڪانڪا سڪ ڪوڙهئي جا پار،
پاڻ رلايا ۽ پنهنجا ٻيا بار رلايا ۽ ڏار.
شاعر ڪندا سچيون نہ توڙي ڏمرجن،
نہ موُزان ڪنهن مرد جا شل قوُل نہ ڪوڙا ٿين،
ڪڇي ۽ ڪپت جا ٿا پوُرا پار ڏجن!

١- لکڻ جوُن جاوُن.

غلام محمد لغاري ۔ پگو کنهنبڑي[1] چنائي ،
کهگهو ڏيوس گوجرو[2] ، بي چني[3] چڙائي ،
بانهين ڏيوس بانهن ۾ چگي چيوائي ،
نٽ ڏيوس نڪ ۾ ٻيو ٻولو بنائي ،
ڪياءِ ٽي قول ميرنصير سان ويو گيدي گسائي !
شاعر پنهنجي ميرڪي ٿو سچ ۾ ڳالهائي .
ڪرڪي[4] خان محمد پگو چڏي محل مڪان ،
چي تراڙ بڏڻ کان توبه ڪئم جيسين رب جياري !
ڏناءِ لاه لين ٽان پنتي کين نهاري .
دوست علي ڪتو گپ ۾ ڏڻا[6] کن ڪري ،
چياءِ احمد خان کي "ماما ، لڙي پڙون ٻيلي ."
ٻڏي ماءِ قليليءِ ۾ ٿو سندي ويلي .
دوست محمد ٻيڙي پگو ، لڙهيو منجهه درياه ،
ٽکو ڪياءِ عرض جو "ادا ، واهي ٽيندو شاه !"
جهانخان محمود جو پگو ، کانئر کين کم آيا :
لاغ[7] لکي ، پگو چکي[8] ، ٻيو پڻيءِ[9] تي نه پايا ،
گندي[10]ءِ جيڏي ڪنب وجهيو ، کاڻو کاج وڃايا !
غلام شاه ڪٽياڻ هو جنگ ۾ ٽنهن ويلي ،
لشکر لاکيڻي سان پگو رڻ[11] واڪر ويلي .

---

١ ـ ڳوٺ جو نالو ٢ ـ ڳڙهيرو ٣ ـ ڇٽيل چادر ۴ ـ کسڪي
۵ ـ ٽپ ۶ ـ ڪرڙا ، ڪوماڻل ، هيٺ لڙهل ۷ ـ ڪاڻو
٨ ـ جهڪي ٩ ـ پٽ تي ١٠ ـ ٻيڙ ١١ ـ ميڙي ، لٽ .

اِتي کجين واري باغ ۾ کليا کنڌهار،
تنهن تماشا لايا، گلن جي گلڪار!
ڏميون چاڙهن ڏيڪڙا پُرسن[1] کي پچار،
ڪايو خان خوشيءَ سان ڏايا ڪن ڏهڪار،
پُورن ۽ بانڪن جا گهوڙڙ چڙهيا هسوار.
شهداد پور جي ڪامپ ۾ ٢١ هزار سُڄن،
وٺيو اڇن ميرشير محمد کي پيا وريو روز وٺن،
ڏسيو ٿو ٽرار جو ٿا گيدي گيسيوُن ڪن،
"اِهي مرد"، علي چوي، "بڏي چوڻ مون!"
تازيءَ چابڪ هڪڙو، ٿا ٽٽوُنءَ ٽيه لڳن،
ساراه ڪر سُهواڻ[2] جي، چڏ گيدين جي گفتار،
ٻڌائيندو پاڳ سنڌ جي شير محمد کي، صاحب رب ستار.

١- مردن ٢- بهادر.

Printed by Motiram Dharamdas Ramrayani
at the Moti Electric Printing Works,
Tilak Road, Hyderabad Sind.
and Published by
Rao Bahadur Hotchand Chandumal Thadhani; B. A.
Hyderabad Sind.



سنة جامير